سهت مالا

۱۰۷۳ - ۱۰۷۶ آگسٽ - سيپٽمبر ۱۹۸۴

پرڀات جي پردي ۾: سکيا ۽ ساکي

[ا]

۳ رپيو جشن واسواڻي

وشيه سوچي

ٻه اکر

سمرپڻ

گرديو دادل شاه

جي ڪمل چرڻن ۾

ٻه اکر

سنت مالا جو هي ڏهون نمبر آگسٽ - سپٽمبر جو پياري دادا جشن جي ٻوٽر جنم ڏن تي پرڪاش ٿيو.

١٩٦٦ کان، - اُن سال کان جنهن سال ۾ پياري دادل شاهه پنهنجي شرير جو چولو تياڳ ڪيو، اُن سال کان وٺي اَڄ تائين، جڏهن دادا جشن پوني ۾ هوندو آهي ته پياري دادل شاهه جي ٻوٽر پستڪ "ڀرڀات جي ڀرڌي ۾" مان اُن ڏينهن جو وچن ڪڍي اُن تي هر آرتوار تي اُپديش ڏيندو آهي.

پياري دادل شاهه جو هي ٻوٽر پستڪ "ڀرڀات جي ڀرڌي ۾" اِڪ عجيب پستڪ آهي جنهن ۾ سال جي هر هڪ ڏينهن لاءِ وچن ڏنل آهن. اِهي وچن اهڙا ته عجيب آهن، جي روز پڙهجن ته اُنهن مان عجيب شڪتي، عجيب روشني ملي ٿي! ۽ خاص ڪري دادا جشن جڏهن اِهي وچن اَچي سمجهائيندو آهي ته

آهي وجهه وٺي پنهنجي جيون ۾ اِن سکيا جي ساکي ڏيڻ جي ڪوشش ڪريان! ۾ گرو آرجن ديو پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا ته :-

”سنت ڪرپال ڪرپا جي ڪريءِ ،
نانڪ سنت سنگ نندڪ ڀي تريءِ .“

سنت ديالو ڪرپالو جي فقط ڪرپا ڪن تـه پنهنجي سنگ ۾ نندڪن کي به تاري ڇڏين !

اِن ڪري هي داس اڄوڪي ڏينهن ، دادا جشن جي ٦٧ جنم دن تي سندس ڪمل قدمن ۾ سر جهڪائي اِن ڪرپا لاءِ ڀيک ٿو پني !

گرو نانڪ ديو جن پنهنجي ٻوڙ آرتيءَ ۾ چون ٿا:-

”ڪرپا جل دي نانڪ سارنگ ڪئه ،
هوءِ جائي تيري ناءِ واسا .“

هي ٻاٻو ! هي پريتم ! هي داس اُتيئي سارنگ پکي : اِن کي تون ڪرپا جل ڏي ته تنهنجي نـام ۾ واسو ٿي وڃي !

هي داس ته اڃان سارنگ پکي کين ٿيو آهي. پر ٿوري ، بلڪل ٿوري پياس هن داس جي دل اندر به آهي. جي فقط هن داس تي سنت ڪرپـا ڪن ، ڪرپا جل جي امداد ڪن ته هن داس ۾ واسو به نام ۾ ٿي وڃي !

سچي ميران هال ۾ اِڪ عجيب آنند جي لهر ايندي آهي!

اِڪ پرڀات جو مٺڙو سانتيڪو سمو، سنگت جون دليون ڪومل، اُن سانت جي سمي، دادا جڻن سانت جي اونهائيءَ مان موتي ڪڍي اچي اسان کي ڏيندو آهي ۽ کهڙي نه عجيب نموني ۾! سندس ٻولي سليس ۽ اهڙيءَ طرح سمجهائيندو آهي جو اسان جي دلين ۾ گهڙي ويندو آهي. ۽ خاص ڪري جڏهن پياري دادل شاه جي جيون مان کي جهلڪون، کي سکيائون ٻڌائيندو آهي ته سنگت جهومڻ لڳندي آهي. اِن ڪري هِن پستڪ جو نالو ئي رکيو ويو آهي:- "پرڀات جي پوري ۾: سکيا ۽ ساکي." "پرڀات جي پوري ۾" پستڪ جي وچن ڏنارن، دادا جڻن پياري دادل شاه جي جيون مان کي جهلڪون ۽ سکيا اهڙن مٺن ۽ موهيندڙ اکرن ۾ ٻڌائيندو آهي، جنهن جو اکرن ۾ اظهار ٿي نٿو سگهي!

سنگت سڀاڳي آهي جو دادا جڻن جي مک مان اکر نه فقط ٻڌندي آهي پر پيئندي آهي. ۽ داس ته سنگت مان هڪ آهي جنهن کي اِن سکيا جي امرت پيئڻ جو وجهه مليو آهي. وجهه مليو آهي ـــ مان دادل شاه جي، دادا جڻن جي چرنن ۾ ويٺي ٿو رکان ته شل اهي وجهه وڃايان نه، پر ڦل

انمول ويچار

[دادا جشن]

گرو ڪرپا آهي مينهن وانگر.

جڏهن مينهن وسي ٿو تہ ڪڻ ڪڻ ۾ وڻ صاف ٿي وڃن ٿا. تيئن گرو ڪرپا اسان جي انتهڪرڻ کي ڌوئي ٿي، اسان جا پاپ صاف ڪري ٿي.

اسين ڪيترائي يتن ڪريون. هڪ وڪار ڪڍون ٿا، ٻيو بيٺو ئي آهي. هڪ ڇڏو لاهيون ٿا، ٻيا پنج ڇڏا چڙهن ٿا.

گرو ڪرپا لاءِ نهاريون! گرو ڪرپا لاءِ پڪاريون! دل جي اونهائيءَ منجهان هي منتر اچاريون:-
"گرديوم شرڻم ڳڇامي!"

*

ٻارڙن کي ڏي پنهنجو پيار، ڏيندو رهہ!
۽ ٻارڙن کان گهر وڏڪ پيار، جيئن تون ڪيس

ڪرپا ٻوند لئه آهيان پياسي:
تنهن جي ديا در تي بيٺي آهي داسي!
ڪرپا ٻوند جي ڪر مٺا! امداد:
ته هيءَ ويران جيون ٿئي آ! ته شاد!
بيٺي آهيان دادل! تنهنجي دئاري:
مهر نظر سين نهارڻ، ڪرڻ مون ڪماري!
جهڙي تهڙي دادل! نام جل پيئار:
نام نشو ڏي ميٺڻ ۾ مترا! اڪ وار!
نام ۾ گم ڪر آسروتي، اَءُ نُوري!
جنمن جي پياس ڪر پورتم! تون ته پُوري!

پُونا-١، آتما واسواڻي
٢ - ٨ - ١٩٨٤

[۱]

وڃ دل جي مندر ۾ - پيار ۾

پياري دادا جو پوتر پستڪ ”پرڀات جي پردي ۾،“ جنهن جو ٿورو ڪجهه اڀياس اسين هفتي ٻه هفتي ڪري رهيا آهيون. ان پستڪ ۾ پيارو دادا ڪهڙو وچن ڏئي ٿو؟ ڪهڙو نه سندر سرل، ڪهڙو نه مٺو وچن! جنوري ٨ پيارو دادا ڇا ٿو وچن ۾ چوي؟

” اِڪ سنتسنگ ۾ ويٺا آهن ۽ سنتسنگ ۾ هڪ ڏينهن هيءَ هڪ وشيه آئي ٿي:- ’پرلوءَ جو راڄ ڪٿي آهي؟ ويٺا پاڻ ۾ گفتگو ڪن. سنتسنگ ۾ اِڪ ننڍو ٻالڪ ٻه آهي، سو سنتسنگ جي بزرگ کي چوڻو:- ’سائين! مان چوان؟‘

سنتسنگ جو بزرگ مشڪي ٿو ۽ دل ۾ چوڻو:- ’هيءَ ٻالڪ: هن کي ڪهڙي خبر ته پرلوءَ جو راڄ ڪٿي آهي؟‘ بزرگ کي خبر ڪانه هئي ته سچي خبر ته آهي ٻالڪن کي، ٻالڪين کي. اسين وڏا آهيون

وڌيڪ وڌيڪ پيار ڏيندو رهين، اڪ ڏينهن ان پيار
۾ گم ٿي وڃين!
جو پاڻ وڃائي ٿو، اهو ٻاروءَ کي پائي ٿو!

*

اڀياس ڪريون!

ڪيترو ٻڌو اٿئون، ڪيترو ٻڌايون اٿئون، ڪيترو پڙهيو اٿئون، ڪيترو لکيو اٿئون، ڪيترا پستڪ ڇاپيا اٿئون.

ٻاروءَ کي ڪڏهن نه پستڪ، پڙهيا نه اکر ۾ آڪاڻيون، هر جيون زندگيءَ جي پيٽا. هل زندگي نئين ٿئي!

اڄڪري هل روز روز اڀياس ڪريون.

سال گذري ويا آهن ۽ ڪيترا اڃا ڪيڏيءَ لئي پهتا آهيون. ڪڏهن وقت به سڌ ٿئي. هل ڪمائي ڪريون!

۽ (۲) ٻيو ڪم هي، ”ڏکين دردن جي سيوا ڪرڻ“.

انهن ٻن ڪمن ڏي پياري دادا جي دل وهندي هئي. پياري دادا چيو ته وڏا آهن جدا: ان ڪري وڏا نه ٿيو. وڏائيءَ کان پري رهو. وڏائي آهي وڏو مرض. ان ڪري پيارا! ننڍڙا نماڻا ٿيو. ڏسو وڏائيءَ ڪري لڙائي آهي ملڪن ۾ هڪ هڪ ملڪ چوي ته ”مان وڏو.“ اڙي! تون ڪير؟ ڇو مان توکان وڏو. ان ڪري ٿئي ٿو جهيڙو. بندوقون ڇٽن: پوءِ ماڻهو مرن.

ساڳيءَ طرح انسانن ۾ ڏسو، هڪ هڪ انسان ٻيو چوي ته مان وڏو. پوءِ اُن تان ٿئي ٿو تڪرار. پياري دادا چيو ته جي پنهنجي جيون ٺاهڻ چاهيو ته ته وڏائيءَ کان پري رهو ۽ چئو ته اسين ننڍا نماڻا ٿينداسين.

هڪ ڏينهن پيارو دادا ڪلاس ۾ ويٺو هو. لکيائين پئي، مشڪيائين پئي. ڪيترا پيرا پيارو دادا ان موڊ (Mood) ۾ هوندو هو. عجيب ڳالهيون ڪندو هو! اُن ڏينهن پيارو دادا چوڻو:- اڄوڪي وقت ۾ بزرگ ڪير ڪم ۾ اچي ٿو. پياري دادا ٻڌايو ته اسان کي ۾ بزرگ ڪير آهي؟ چيائين بزرگ آهي اهو جنهنجي ڳه رڳ ۾ آهي ’بغض‘. ان ڪري بزرگ، وڏائي نه ٿيو.

جڏا: اُسان کي خبر ڪانهي. پر ننڍين ٻالڪن، ننڍين ٻالڪين کي خبر آهي.

وري ٻالڪ پڇيو:- ’سائين! مان ڇــوان؟‘ تڏهن بزرگ مُرڪي ڏنو ۽ چيس ڏنو:- ’ٻال ٻون ڇڏ.‘

اُن وقت هيءَ ننڍڙو ٻالڪ ڇا ڏنو ڪري؟ پنهنجو هٿ ڊگهيڙي ڏنو ۽ ٻوءِ اُن هٿ کي آڏي ڏنو دل وٽ ۽ اُس هٿ رکي چوي ڏنو:- ’سائين! ٻرٻوءَ جو راڄ آهي اِتي.‘ تنهن ڪري پيارا! پنهنجي دل صاف ڪر ۽ دل جي مندر ۾ ويهي ولهه، پيار ۾!”

پياري دادا کي ننڍا ٻالڪ ۽ ٻالڪيون ڏاڍو وڻندا هئا. پيارو دادا اڪثر ڪري ڪيترو وقت بند ڪوٺيءَ ۾ گذاريندو هو؛ ۽ بند ڪوٺيءَ ۾ ويهي پيارو دادا گفتگو ڪندو هو سائينءَ سان. ڪيترا ڪلاڪ بند ڪوٺيءَ ۾ شانت ۾ گذاريندو هو. جڏهن نڪرندو هو اُن وقت پياري دادا جون اکيون پيون چمڪنديون هيون. نوُراني نوُر پيو سندس نيڻن مان نهاريندو هو. پيارو دادا چوندو هو ته بند ڪوٺيءَ مان نڪري جيڪر ٻه ڪم ڪريان. اهي ڪهڙا ٻه ڪم؟ پيارو دادا چوندو هو ته پهريون ڪم هي ته ”ننڍڙن ٻارن جو سنگ ڪريان. ننڍڙا ٻالڪ ٻالڪيون: ڏسو ڏرملتا پيئي چمڪي اُنهن جي مکڙن ۾. اُنهن جو جيڪر ڪريان.

کي پرڌان ڪريو." شري ڪرشن سر جهڪائي ٿو، پرڌانپڻي جو پد قبول ڪري ٿو. پر شري ڪرشن ڇا ٿو ڪري؟ پنهنجي لاءِ ڪهڙو ڪم (duty) ٿو رکي؟ هڪ هٿ ۾ لوٽو کڻي ٿو ۽ ٻئي هٿ ۾ ٽوال کڻي ٿو. اچي بيهي ٿو. هي جو اِنسان ذات جو هو پرڌان، ڇا ٿو ڪري؟ دروازي تي اچي بيهي ٿو. جيڪو اچي ٿو، تنهنجا چرڻ ڌوئي ٿو ۽ ٽوال سان چرڻ سڪائي ٿو. هڪ هڪ ڪان آسيس گهري ٿو. سيکاري ٿو اُسان کي:- "پيارا! تون پرڌان، وڏو اڳواڻ چاهين ٿو؟ تون اڳوان (Leader) اڳواڻ چاهين ٿو؟ ته وڃي تون نوڪر ٿيءُ. چرڻن ۾ سر جهڪائي آسيس پاءِ." اِها پياري دادا جي جيون ۾ ساکي هئي.

ڪيترا سال ٿي ويا هڪ ماڻهو ڪيترن ميلن جي مسافري ڪري اچي ٿو. چيائين:- "پياري دادا جي درشن جي مون کي طلب آهي." پيارو دادا ڪيئن ملي ٿو. هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ هڪ هنڌ آهي، جتي فقط هڪ ميز ۽ اِڪ ڪرسي آهي. پياري دادا کي ته پيو وڏيڪ ڪين هوندو هو. هي ماڻهو پياري دادا کي ملي ٿو. پيارو دادا يڪدم اٿي در ڏي نهاري ٿو ۽ ڇا ٿو ڪري؟ ڇو اٿيو؟ نماڻو هو، ان

وڏا ٿيندا تہ جُدا ٿيندا. بزرگيءَ کان ڀڄي رهجو.
وڏائيءَ کان ڀڄي رهجو.

شري اُڌا کان پڇيائون تہ هڪ ڏينهن. هي ڀڳوءَ جو پيارو ذڪر ڪندو هو شڌن سان ڀڳوءَ جي دربار جو. ڪانئس پڇيائون تہ:- ”سائينءَ جي دربار ۾ ڪير گهڙندو؟“ شش پيا سمجهن تہ اسان جو گرو چوندو تہ ”توهين گهڙندا جن منهنجو سنگ ڪمايو آهي.“ پر اُڌا سوال جي جواب ۾ چيائون:- ”منهنجا پيارا! جيسين توهين بار نہ ٿيا آهيو، تيسين توهان لاءِ دئيا جو در ڪين کلندو. پوءِ هڪ ننڍي بارڙي اُڌا نهاري ٿو، ان کي ڪوٺي، ان بارڙي لهاري چيائون:- ”جيڪو ٻالڪ کي ڪندو نماڻو، جڏهن هي ٻالڪ آهہ نماڻو، سوئي ڀڳوءَ جي دربار ۾ ٿيندو راڻو.“ ان کري پياري دادا اچي پڪاريو:-

”ننڍا ٿيو،
نماڻا ٿيو!“

٥ هزار ورهيہ اڳ راجسوءِ يگيہ ٿئي ٿو. جدا جدا ڀارت جي ملڪن پرانتن جا راجا اچي ڪٺا ٿين ٿا. راجسوءِ يگيہ ٿئي ٿو. چون ٿا پرڌان ڪنهن کي ڪريون؟ سڀ چون ٿا:- ”هڪ کي لائق آهي.“ اهو هڪ ڪير؟ اهو شري ڪرشن چندر. چون ٿا:- ”ان

تي چيو ته :- "Blessed are the pure in heart for they shall see God!"

اسان جي دل جي حالت ڪهڙي؟ وڪار آهن دلين ۾. ڪيترائون نه ترشنائون آهن دل اندر. ترشنا جو تڪرار هلي پيو: ان ڪري درشن نٿو ملي. پيارو دادا چوندو :- "دل جي مندر ۾ وڃي ويهه: ۽ پرڀوءَ کي پڪار پيار ۾." تون نندا ڪم ڪر، نينديون پرارٿنائون ڪر ۽ پرڀوءَ کي پڪار :-

"امي! اڄ تون مون وٽ!
امي! امي! امي!"

انهن پڪاريو ته اُن پرڀوءَ جي پياري ڪيشب چندرسين. عجيب انسان هو! وڏيون ڳالهيون ڪيائين، وڏن ميڙن ۾ ليڪچر ڏنائين: اٿي ٻيهي ڳالهائيندو هو ته دلين تي جادو لڳائيندو هو. آ! انهن ميڙن مان ڪڪ ٿي پيو. پڇاڙيءَ ۾ چيائين ته مان جيڪر بند ڪوٺيءَ ۾ ويٺو هجان ۽ اُت ويهي واهي فقط هڪ اکر پڪاريان :-

"امي! امي! امي!"

پڇاڙيءَ جي ڏينهن بستري تي ليٽيو پيو آهي. هڪ سنڌس مٽر اچي ٿو: ڇا ٿو ڏسي؟ هن ڪيشب چندرسين جون اکيون ان ڏينهن آهن بند ۽ سنڌس

ڪري ٿيو اسان جي دلين جو راڻو. دروازي جي ٻاهر ويٺو ۽ ڏسي ٿو اُس آهي ۽ هي ماڻهو، جو آيو آهي، اُس ۾ جتي رکي آنائين. چيائين ڪيس جتي گهر لڳندي، جڏهن هو واپس ورندو. کيسي مان رومال ڪڍي هن ماڻهوءَ جي جتي اگهي ٿـــو. ان جتيءَ تي مٽي لڳل آهي. ان رومال سان جتي صاف ڪري ٿو. جتي صاف ڪري ڇانوَ ۾ رکي ٿو. هي ماڻهو عجب ۾ ٻڏي ٿو ته دادا ڇا ٿو ڪري! سندس اکين ۾ اچن ٿا ڳوڙها. اِها آهي پياري دادا جي سکيا:-

نمڙا ٿيـــو!

نماڻا ٿيـــو!

پوءِ توهان کي پروڙ پوندي. اها پروڙ جنهن جو ذڪر هي ٻالڪ ڪري ٿو. چوي ٿو:- "سائين جي پرڀوءَ جو راڄ آهي دل ۾." هي وقت اسان کي پروڙ ڪين آهي. وڏن ڳالهين ۾ پيا، ناچن ۾ پيا، پيا ڊوڙون پايون. جڏهن نمڙا ٿينداسين، تڏهن پروڙ پوندي ته پرڀوءَ جو راڄ آهي دل ۾. تنهن ڪري پيارو دادا وڌيڪ چوي ٿو:- "پيارا! دل صاف ڪر ۽ دل جي مندر ۾ وڃي ويهه پيارا." دل صاف ڪندين ته پوءِ توکي پرڀوءَ جو درشن ملندو. شري اِيما اِڪ موقعي

جو پستڪ کوليا. ۽ تپسيا بيشڪ ڪئي ۽ لوڪن
جي واه واه لئه ڪيئه يا پرڀوءَ جي پيار لاءِ ڪيئه؟"
هي پرڀوءَ جو پيارو ڇپ ٿي ويٺو.

وري اچي ٿو هڪ ٻيو:- "سائين! دروازو کوليو.
مان اندر وڃڻ چاهيان ٿو." ۽ فرشتو چوڻ:- "تو
ڇا ڪيو آهي؟" هي ماڻهو چوڻ:- "تو منهنجو
نالو ڪين ٻڌو آهي؟ مون ڪيترائون ئي ڌرمشالائون،
اسپتالون کوليون. هتي لي منهنجو نالو لکيل آهي
مون هيترا دان ڪيا." ۽ فرشتو چوڻ:- "افسوس!
تو دان بيشڪ ڪيا، پر تو اُن وچار سان دان ڪيا
ته لوڪن ۾ منهنجي واه واه ٿئي."

آئين هڪ هڪ پنهنجون ڳالهيون ٻڌائي ٿو.
پر فرشتو دروازو نٿو کولي. آخر هڪ اچي ٿو جو هن
در ڏي ڀيو نهاري. فرشتو پڇي ٿو:- "پيارا! تون
اندر وڃڻ چاهين ٿو؟" ۽ هي ماڻهو چوڻ ته
"چاهيان ته ٿو: پر اندر وڃڻ ۾ مون کي لائقي
ڪونهي." پوءِ هي ماڻهو چوڻ:- "مان هوس
اڪ مزور: ٿورا پئسا ڪمائيندو هوس. ٿکو جسم،
ٿکو تپ ڪيم، پر سچائيءَ سان ٿورا پئسا ڪمائيندو
هوس ۽ منهنجي پرسان رهندي هئي اڪ ٻڍي ماتا.

چمن مان ڪهڙا اکر پيا اچن:-

”شاڪيرما،

بڌيرما،

نبان دائو!“

بنگال ۾ اهي اکر چوندا آهن. ان جي معنيٰ:- اي ٻڌ جي ماتا! ساڪيه مني جي ماتا! امي! مونکي نرواڻ ڏي. مان هيڻو چولو ڇڏڻ ٿو، مونکي نرواڻ ڏي.“ هڪ ٻي اکر ”امي“ ڪافي آهي. ننڍڙن ٻارڙائون ڪافي آهن. دل جي مندر ۾ وڃي ويهي پڪاريو:- ”امي! امي!“ ننڍڙن ٻارڙائون ۽ ننڍا ڪم اُتو قبول ڀڳوءَ ڪي.

هڪ ڏينهن پياري دادا چيو ته هڪ سپني ۾ ڏسان ٿو. هڪ ڀڳوءَ جو پيارو آيو آهه. دربار جي دروازي تي اچي بيٺو آهي ۽ دربار جي دروازي تي آهي هڪ فرشتو. هي ڀڳوءَ جو پيارو چوي ٿو:- ”دروازو کول: مان اندر وڃڻ چاهيان ٿو.“ ۽ هي فرشتو چوي ٿو:- ”پيارا! توکي لائق ڪهڙي؟ تو چا چا ڪيو آهي؟“ ۽ هي ماڻهو چوي ٿو:- ”مان لسوي: مون هيڏي تپسيا ڪئي آهي. مون هيڏي سيوا ڪئي آهي ۽ تون دروازو نٿو کولين؟“ تڏهن هي فرشتو چوي ٿو:- ”پيارا! ترس ته تنهنجي ڪرمن

کيسي ۾ کڻي ٿي ڪٽمٺڙا. وڃي ٿي. وڃي دروازو کڙڪائي ٿي. ٻارن کي ڪٽمٺڙا ڏئي ٿي ۽ ولن کي چونڊيون ڏئي ٿي. ۽ ڪين چوندي هئي ته "هي ٻڌو ۽ آسيس پائو." سندس ڪنڌ ٻيو لڏندو هو. ٻار هوءَ اچي چونڊيون کڻي ويندي هئي. چوندي هئي:- "مان پنهنجي گروءَ جو پيغام پهچايان." ٻوڙه کي کيس آدر ڏيندا هئا، کي سندس نرادر ڪندا هئا. ٻر هيءَ چوندي هئي:- "گرديو! هي سڀ قبول ڪر پنهنجي چرڻن ۾." اسين ته شل تعيدا ڪم ڪراون ۽ پڪاريون:-

"اَمي! ڇوري نه ڇڏجانءِ،
اَچي فضـــل ۾ اَٿجانءِ!"

موٽندو هوس ڪم تان ۽ وچي ان ٻڍيءَ جي گهر ۾ صفائي ڪندو هوس، هن ماتا کي پاڻي ڀري ڏيندو هوس ۽ شام جو جيڪي پئسا ڪمائي ايندو هوس ان مان ٿورا پئسا هن ٻڍيءَ کي ڏيندو هوس. پوءِ گهرها جو اچيءَ ۾ پڪاريندو هوس:-

" امي! امي! ڇوري نه ڇڏجانءِ،
مٿل ۾ اچي اٽڪجانءِ!"

ٻڍڙو چوندو:- " پيارا! لانڍي ٺوڪي آهي." دروازو کلي ٿو ۽ هي مزور اندر وڃيٿو. پياري دادا جي سکيا اٿو:- " دل صاف ڪريو: دل جي مندر ۾ ويهي وڃي پياس ۾ پڪاريو، ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيو. هڪ اکر ڪافي آهي، پر اچاريو پيار ۾، پياس ۾ ۽ جن ڳوڙها ڳاڙيندا تن اهو گنگا جل وهندو لوهان جي دل کي صاف ڪندو. تان جو هڪ ڏينهن ان صاف دل ۾ پاڻيندا پرڀوءَ جو ديدار نديا ٿيو. نندائون پرارٿنائون ڪريو. نندا ڪم ڪريو. وڏا ڪم اوائو کي ڪمن ڪمن.

هوءَ استري ٻڍي هئي نه. چيائين:- " مان نه ڪابه سيوا نٿي ڪري سگهان." پوءِ ويچار ڪرڻ ٿي ته ڇو نه مان پنهنجي روءَ جو پيغام پهچايان. پنهنجي ڪروءَ جون ڇوڪرين هڪ ڪيسي ۾ ڪٽي ٿي ۽ ٻئي

ڏيٺي جي ماڻڪ موتي لڪل لعل آهن، اُهي وڃي لهي. پيارو دادا ڇا ٿو چوي؟

"اکر اِڪ الف جو مونکي عشق اُچي ته پاڙهيو آهه:
مرشد جي اُن مڪتب ۾ مون ولهي ولهي نهاريو آهه!"

پيارا! جيسين عشق نٿو اُچي اسان جي جيون ۾، تيسين اسانجي جيون آهي ويران. هيءَ سڄي دنيا اُٿو بيابان.

عشق بنا جيون آهي ويران اَدا!
عشق بنا جيون آهي بيابان اَدا!

ڏسو اسان جي حالت ڪهڙي؟ مال ملڪيت ڪيتري نه، مان شان ڪيترو نه، ڌن دولت اِسباب، بنگلا ماڙيون ڪيترا نه، نوڪر چاڪر ڪيترا نه، پر ته به پنهنجي دل ويران پيا سمجهون. وري وري دل خالي ٿا سمجهون ڇو جو عشق الله لءِ، عشق اِڪ مرشد لاءِ اُجان اسان جي دل ۾ نه جاڳيو آهه. ۽ جيسين اِهو عشق نٿو اُچي، تيسين اسان جي جيون آهي پڪڙ، آهي رلڻ. هن وقت ڏسو اسين همت وڃنا آهيون: اسان مان ڪيترا پيا رلون. سڀڪو بيهمت ويٺو آهي. پياري دادا جي سمڪ وڃنا آهيون: پر ته به پيا رلون. ڪٿ ڪٿ نه پيو من ڊوڙون پائي:

[٢]

اکر اک الف جو

”پرڀات جي پردي ۾!“ پيارا! پرڀات جي پردي ۾ توں اٿ، جاڳ، اٿي الک سان اور. اٺين پياري دادا چيو ته وري. نه رهه ستل، پر تيئه توں سجاڳ هن پرڀات جي پردي ۾. هن سندر پستڪ ۾ آهن ڏڻ وچن هڪ ڏينهن لاءِ [A thought for every day] ۽ اڄوڪي ڏينهن، ١٥ جنوري، اڄوڪي پويو ڏينهن جڏهن پياري دادا جو مهاڳ شروع ٿئي ٿو، ان ڏينهن لئه پيارو دادا ڪهڙو وچن ٿو ڏئي؟ لائقي ڪين آنم، منهنجا چپ ڏڻن ٿا، منهنجي دل ڪنبي ٿي. ان وچن پڙهڻ جي به لائقي آنم ڪين. ان وچن جي سمجهاڻي ڏيڻ جي لائقي آنم ڪين. هي ته آهڙو وچن آهي جو آسان مان هڪ هڪ جيڪر ڪٽي، سانت جي سمند ۾ گهڙي ٿيون ڏئي ۽ ٿيون

” اکر پڙهه تون الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار!“

پيارا! تون ٻيا اکر پڙهي ڇا ڪندين؟ توکي ته نيٺ ڪتب اِيندو هڪ اکر الف جو. پيارا! اِهو اکر اِڪ ڇپن جي ڳالهه ڪين آهي. اهو اکر الف جو اٿو اندر اندر. اهو ڇمڪي دل جي مندر ۾. اِهو اِڪ اکر الف جو اَڇو عشق پاڙهي تو آسان ڪي. ٻوءِ ايون سڀ ڳالهيون وسري وڃن ٿيون.

جڳياسو آيو ته گرديو جي چرنن ۾. اچي ويٺو. گرديو کي چيائين :- گرديو! مون کي ڪا سکيا ڏيو.“ اُن وقت گرديو پڇي ٿو :- ”پيارا! مان توکي ڇا سيکاريان؟ پهرين ته ٻڌاءِ ته تون ڇا سکيو آهين؟“ ۽ جڳياسو چوي ٿو :- ” سائين! مون هيترائون وديائون ورتيون آهن. مون هيترو پڙهيو آهي. مون هيترا پستڪ پڙهيا آهن.“ اُن وقت گرديو چوي ٿو :- ”منهنجا پيارا! جي تون مون وٽ پڙهڻ، سکڻ چاهين ٿو ته وڃي وسار جيڪي تو پڙهيو آهي جيڪي تو اڀياس ڪيو آهي. وساري اچ مون وٽ ته هڪ اکر الف جو توکي ڏيان.“ ۽ اِهو اکر الف جو جڏهن مليو ته سڀ وسري ويٺو.

سندر دليچا اِنڌڙ پرارٿنا منهنجي پياري پساءِ گنگارام پڙهنجي مٺي مڌر دلسوز آواز ۾ هيٺئر پڙهي ٻڌائي. پياري دادا چيو ته :- ” تون منهنجي دل جي

سبب هيءُ جو اسان جي جيون ۾ اڃان عشق کين اڻهو آهي.

عشق بنا جيون آهي ويران اَدا!

عشق بنا اسانجي جيون آهي خالي: ۽ عشق وري اسان جي اندر نٿو اچي، جيستين اسين دليون خالي نٿا ڪريون. جو دل پنهنجي ڪري ٿو خالي، تنهن کي پرِيتم پيئاري ٿو پيالي، عشق جي پيالي. پوءِ هوُ سڀ ڪجهه وساري ٿو، ديوانو، متوالو ٿي پوي ٿو.

اهو عشق ڇا آهي؟ اهو عشق ڪٿان ملي؟ اهو عشق آهي ڀڳوان جي گروءَ جي، بخشش.

(It is a gift of God, a gift of the Guru)

اهو عشق ڪٿان ملي؟ اهو عشق، پرِيم اَنــو بخشش، جا ڀڳوان ڏئي ٿو ڪن سڀاڳن کي. اهو عشق آهي بخشش جا گرديو پنهنجي مٺوڙ ڏئي ٿو ڪن سڀاڳن کي.

"اڪر اڪ الف جو مونکي عشق اچي ته پاڙهيو آهي: مرشد جي اُن مڪتب ۾ مون ولهي واٽ نهاريو آهي!"

جڏهن عشق اچي ٿو تڏهن فقط هڪ اکر اچي اسان کي پاڙهي ٿو. شاه عبداللطيف پنهنجي ڀاڳيءَ ۾ چوي ٿو:-

جي مندر ۾ وڃي ٿو: ڇا ٿو ٿئي؟ مٿس جادو ٿـو لڳي. موٽي ٿو: هي ته ٻيو ٿي آهو آهي. وارن کي ڦٽي نٿو ڏئي. سندس ماتا چوي ٿي:- "نمائي، منهنجا ٻچا! توکي ڇا ٿيو آهي؟ تون اڳي ڪهڙي ڪيڏي نه شونق ۾ کائيندو هئين ۽ هينئر نٿو کائين؟" نمائي چوي ٿو:- "اَمي! مون کي هينئر ڪجهه نٿو وڻي." تڏهن اَمي چوي ٿي:- "پيارا! تڏهن توکي ڇا ٿو وڻي؟" نمائي چوي ٿو:- "اَمي! مون کي ته فقط هڪ ڳالهه ٿي وڻي ته سانتيڪي ڪنڊ ۾ ويهي ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيان، پياس ۾ پڪاريان. ڪولي ڪولي دل جي دري ويهي پنهنجي محبوب ڏي نهاريان؟ سندس مٺو نالو اُچاريان:- 'شيام! شيام!'" پيارو دادا پنهنجي باڻيءَ ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو ته:-

دل درد ڪا چٽن پيئا پيالا،
ٻي ٻي نمائي پيا متوالا!

جت وڃي نمائي اُت هڪ ئي اکر سندس چپن تي:- "شيام! شيام! منهنجي دل جو تون وشرام!"

هڪ ڏينهن مون پياري دادا کان پڇيو:- "پيارا دادا! توهان کي ته اَسين سمجهي سگهون ڪين ٿا. توهين پنهنجي مک مان ٻڌايو ته توهين ڪير آهيو؟" ۽ پياري دادا ڇا چيو؟ ان سوال جي جواب ۾ پيارو

گليءَ ۾ منهنجا پرينم! اَچ. هيءَ دل اَليئي واران. هن دل کي اَچي ڪر شاد."

پنج هزار ورهيه اڳ آئون نه اَسانجي دلين جو محبوب، اَسان جي دلين جو پيارو، ڪٿي آئون نه پيار جي سوڪڙي. وئو ورهائيندو، وئو پنهنجا ليــر چوريندو. سهاڳيون اهي دليون، جن دلين جي اندر لڳو آهي لير. اهي دليون ئي پيٺون فنا، ئي پيٺون نقير. سهاڳيون اهي دليون جنجي اَندر شيام اَچي عشق اُتاريو. لوهان کي خبر آهي نه ڪٿن بولدابن جي گلين ۾ گوپيون جلهن مرليءَ جو آواز ٻڌنديون هيون ته گوپين کي سڀ ڪجهه وسري ويندو هو.

" بسر گئي سڀ تامف پرائي "

ديکرا پيا رجهندا هئا. سڀ ڪجهه وسري ويندو هئن. سڀ وساري، ڊوڙنديون اُن مرليءَ جي آواز ئي وڃي پهچنديون هيون پنهنجي پرينم وٽ.

" اکر الف جو، مونکي عشق اَچي ته پاڙهيو آه:
مرشد جي اُي مڪتب ۾، مون ولهي ولهي لهاريو آه!"

نمائي ندها پونيورسٽيءَ جو وڏو پروفيسر هو. (Professor of Logic) گيا جي مدرس ۾ وجي لو. هي پروفيسر، جنهن جو دماغ ڪليل هو، اِهي عشق جون ڳالهيون سمجهندو ڪين هو. ڪلندو هو. گيا

اهي ٽن ڳالهيون ڪهڙيون ؟

(١) پهرين ڳالهه هن پياري کي پروڙ پوي ٿي ته پرڀو آهي هڪ (God is one). نالا اَنيڪ، پر پرڀو آهي هڪ. ڪي پرڀوءَ کي ڪوٺين اَلله، ڪي ڪوٺين جيهووا، ڪي ڪوٺين God ته ڪي ڪوٺين پريو، ڪي ڪوٺين ايشور: پر پرڀو اَٿو هڪ. اها اکرن جي ڳالهه ناهي. نالا گهڻيئي پر پرڀو آهي هڪ، رستا گهڻيئي پر مقصد آهي هڪ. اِنڪري اَهڙو انسان جهيڙن کان، بحثن کان پري رهي ٿو ڇو ته هن جي دل اندر پروڙ اَٿي ٿي ته پرڀو هڪ آهي ۽ سڀ هن هڪ کي پائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پوءِ تڪرار ڇا جو؟

شري ڪرشن چوي ٿو نه گيتا ۾ ته ”جنهن جنهن رستي تان مون وٽ اِنسان اَچن ٿا، اُن رستي تان مان وڃي کين ملان ٿو.“ توهانجو رستو هڪ، منهنجو رستو ٻيو: پر ٻئي رستا وڃي هلن ٿا هڪ، منهنجو رستو ٻيو: پر ٻئي رستا وڃي هلن ٿا هڪ مقصد ڏي.

تنهن ڏينهن اَسين ٻئي وياسين: هڪ رستي ۾ مليو. ڪيڏي ٻيو وڃين پيارا؟ چيائين، مان هن رستي تان وڃان ٿو. مون چيو، پيارا! تون ڀل وڃ هن رستي تان. پيارا! اَسين به هلي اَت پهچنداسين، هلي اَت ملنداسين.

دادا، نئڙت، نماڻائيءَ جي تصوير، ڇا ٿو چوي؟ پياري دادا چيو ته ”مان آهيان اِڪ ٻارڙي، اِڪ ڀانڊيڙو.“ ۽ مون پڇيو:- ”ڀانڊيڙو ڪهڙيءَ راھ جو؟“ پياري دادا چيو ته ”مان عشق جي راھ تي هيو پند ڪريان.“

۽ مون پڇيو:- ”پيارا دادا! اِها راھ ڪهڙي آهي؟“

تڏهن پيارو دادا چوڻ لڳو:- ”اِها راھ آهي ننڍڙي راھ (The Little Way).“

۽ مون پياري دادا کان پڇيو:- ”دادا! اُن راھ تي ڪيئن پند ڪجي؟ ڪير آهن جي اُن راھ تي پند ڪن ٿا؟“

تڏهن پياري دادا چيو:- ”هن راھ تي اهو پند ڪري، جو ننڍي ڪم ڪيئن، جو ننڍي ڏوڙ وانگر نماڻو، ننڍي ٿو ڪم ڪيئن، خدا. اهڙو انسان ئي هن راھ تي پند ڪري ٿو.“ ”ڇڏي ڇيرو ۽ ڇڏ، منهنجا پيارا! تي پڻ ٿو ته خدا ته ڀوءِ پائين پنهنجي پوڄم ڪي.“ اِها هئي پياري دادا جي سکيا. ”ٿيو خدا: ٿيو ڪم ڪيئن ته پايو پنهنجي پوڄم ڪي!“ هن عشق جي راھ ٿي، هن محبت جي راھ ٿي، جو پند ڪري ٿو، تنهن کي ٽن ڳالهين جي پروڙ پوي ٿي. (A tripple realization comes to him).

آن وقت پياري دادا چيو تہ ڀلو مون کي ڇا ٿو
چوي؟ ڀلو چوي ٿو:- ”پيارا! مون وٽ تون آڻ
پنهنجي دل جي تڙپت ۽ پياس ۽ پيار جا ڳوڙها.“
پوءِ ڇا ٿيندو؟ جڏهن ويندا سين وڌيڪ نماڻا
ٿيندا، پوءِ سمجهنداسين تہ آهيون ڪجهہ ڪين. ويهي
پياس ۾ پڪارينداسين پوءِ ڇا ٿيندو؟ پوءِ هڪ عجيب
ڳالهہ ٿئي ٿي. پوءِ دل جي دري کُلي ٿي پوي. پوءِ
توهين بہ نهارڻ سکندا. هن وقت اَسانجو نهارڻ آهي
باهر، اِنڪري اَسانجي جيون آهي ڀٽڪيل. باهر پيا
نهاريون. اَندر مکي ناهيون. اَندر مکي ليندا سين،
جڏهن دل جي دري کلندي. پوءِ ڇا؟ پوءِ ڇا؟
”اکر اِڪ الف جو مونکي عشق اَچي تہ پاڙهيو آهہ:
مرشد جي اُي مڪتب ۾ مون واهي واهي نهاريو آهہ!“
اِهو اَٿو سچو نهارڻ. جڏهن دل جي دري کلي
ٿي، اسين واهي نهاريون ٿا. آ! جنهن وقت نهاريون
ٿا، پوءِ پريتم اَچي ٿو پاڻ. ڊوڙندو اَچي ٿو: اَچي
درشن ڏئي ٿو. جڏهن ڏسي ٿو دل آهي خالي،
دل اندر آهي فقط هڪ ئي پياس تہ ڪجهہ ڪين
پيو ڪجهہ، ڪين فقط تون منهنجا پريتم“- تڏهن پريتم
اَچي ٿو.
پوءِ ڇا ٿو ڪري؟ پريتم اَچيئو ۽ اَچي اَسان

(۲) ٻي ڳالھ ڪھڙي، جنھن جي ٻروڙ ھن ٻياري کي ٻوڙي ٿي ته ٻاٻو جو آهي ڪل مالڪ، راجائن جو راجا، پالڻھار ۽ پالڻھار اھو ٻاٻو آهي منھنجي دل جو ٻولٽم.

(۳) ٽين ٻروڙ جا ھن ٻياري کي ٻوڙي ٿي ته ھن دل جي ٻولٽم کي ٻاٽڻ لاء، اهو جو ٻاٻو آهي ڪل مالڪ، ٻر ٽيڙس ۾ اڇي نٿي ٿو منھنجي دل جو ٻولٽم. اڻ ٻولٽم کي ٻسڻ لاء ضروري آهي ته مان ”ٻاڙ وساريان،“ ٻاڙ ڦٽو ڪريان، اِن ٻاڙ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪريان. ٻياري دادا ٻھو ته وري وري:- ”جي ٿون ٻاٻو ۽ کي ٻاٽڻ ٿو چاھين ته ٿوح ٻاڙ وڃاء. ھودي گنواء، خدا کي پاء.“

ٻياري دادا چيو ته ھڪ ڏينھن مان وڃو ھوس سانت ۾. موڻ منھنجي ٻولٽم سان وڃي گفتگو ڪئي. ٿوھين ٻه ٻاٻو ۽ سان ڳالھائي سگھو ٿا. اھو سڀني لء ڪليل آهي، ٻر اسان ٻاڙ کي ٻاٻو ۽ کان ٻري ڪري ڇڏيو آهي. اسان ٻھنجي ۽ ٻاٻو ۽ جي وچ ۾ ھڪ ٻردو کٽي ڪرو ڪيو آهي، جنھن جي ڪري ٻاٻو ۽ کي ڏسون ڪين. جي اھو ٻردو ٽٽي ٻري ته ٻوء ٻاٻو اسانجي سامھون

ٻيارو دادا چوي ٿو ته ھڪ ھند:- ”مان ٻڇان ٿو:- ٻاٻو! مان ٽنھنجي چرڻن ۾ ڪھڙي ٻيٽا رکان؟“

سنسٿا سان واسطو ناهي. وڃي ٿو: وڃي ڇا ٿو ڪري؟ اڙي پيارا! توکي ڇا ٿيو؟ اخبارن ۾ وڃي ڪارا ڪالم ڪري ٿو. اخبارن ۾ ڪوڙ ٻدور لکي ٿو پياري دادا جي برخلاف. پياري دادا جي ساٿين جي برخلاف لکي ٿو. پياري دادا کي ٻڌائين ٿا. پيارو دادا مشڪي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”هن پياري تي شل آسيس اچي.“ هڪ ڀيرو ٻه پياري دادا هن لاءِ ڪٺواڪرڻ ڳالهايو. هميشه پيارو دادا پيو هنکي آسيس موڪلي.

ڪجھ وقت گذري ٿو. هي ماٺهو ڪمت ۾ اچي ٿو. پياري دادا کي خبر پوي ٿي ۽ پيارو دادا هن وٽ وڃي ٿو. کيس چوي ٿو:- ”پيارا! توهين آهيو تڪليف ۾ ۽ مان آيو آهيان اوهان جي سيوا ڪرڻ.“ هي عجب ۾ پوي ٿو ۽ چوي ٿو:- ”دادا! توهين ڇا ٿا ڪريو؟ مون ته توهان لاءِ لکيا ڪوڙ ٻدور ۽ توهين پاڻ آيا آهيو منهنجي مدد ڪرڻ. مان ته سمجهي سگهان ڪين ٿو.“ تڏهن پيارو دادا چوي ٿو:- ”ان ۾ وڏي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ وڻ به ته ائين ڪندو آهي. وڻ کي ڪير پٿر هڻي، وڻ موٽ ۾ کيس ڏي ميوو. مان به ته وڻ وانگر ٿو ڪريان.“ ايها آئو آهڙي انسان جي نشاني، جنهن جي دل ۾ پيار آهي.

ڪي عشق جي پيالي پيئاري ٿو. اُها خالي دل اُچي پنهنجي پيار جي جل سان، پيار جي شراب سان ڀري ٿو. پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ پوءِ اهو انسان گم ٿي وڃيٿو. اُن انسان جي جڳهه تي اچي پرڀو پرڪاش ٿئي ٿو. پوءِ اهڙي انسان جا ڪن سندس ڪين آهن: اُهي ڪن ٿين ٿا پرڀوءَ جا. اکيون سندس ناهن: اُهي اکيون ٿين ٿيون پرڀوءَ جون. هي هٿ سندس ناهن: اُهي هٿ ٿين ٿا پرڀوءَ جا. اُن انسان جا پير سندس ناهن. اُهي پير ٿين ٿا پرڀوءَ جا. پوءِ هڪ عجيب ڳالهه ٿئيٿي.

پوءِ ڇا؟ اُن جي جيون ۾ پيار ڪلي ٿو. اُن پيار جي هڪ نشاني اِٿو هُو سڀن کي پيار ڏئي ٿو. هُو هڪ پريم جي ندي ٿئي ٿو. جيڪو اچي اُن نديءَ مان اوٽو ڀري وڃي. هن جي دل ۾ انڪار ناهي. هُو سڀن کي پيار ڏئي ٿو. اِها هئي نه پياري دادا جي ساکي. توهين ٿيو وڻ وانگر. وڻ کي ڪير هڻي پٿر، اُنکي وڻ ڏئي ميوو. پٿر جو پٿر ڏئي ڪين. توهين به اِئين ٿيو، جئن هو پيارو دادا.

هڪ انسان هو. پياري دادا جو متر هو. پياري دادا سان گڏ ڪم ڪيائين. پوءِ ڪا هڪ ننڍي ڳالهه ٿئي ٿي. هي متر ڪاوڙ ڪري ٿو: چوي ٿو هاڻي منهنجو واسطو ناهي دادا سان. منهنجو دادا جي

[٣]

آزمودن جو اسڪول

اَڄ وري پاڻ سان کڻي اَچان ٿو هي سندر ٻولر پستڪ، جنهن جو اَڀياس اسين هر هفتي ڪري رهيا آهيون. ”پرڀات جي پردي ۾“ هن پستڪ جو نالو: ۽ هن پستڪ ۾ ڏنل آهن هڪ هڪ ڏينهن لاءِ وچن، هڪ هڪ ڏينهن لاءِ سکيا. ۽ اَڄوڪي وچن ۾ پيارو دادا ڪهڙي سکيا ڏئي ٿو؟ مارچ ١٠ تاريخ جي وچن ۾ پيارو دادا اسان کي چوي ٿو:-

هيءَ زندگي آهي اِڪ اسڪول، آزمودن جو اسڪول! ان اسڪول اندر سکڻ آيو آهين، پيارا! اِئين نه ٿئي ته اَنت ڪال ۾ وڃي هٿ هڻين ۽ چوين:- ”اَلا! مون ڪين ڪمايو!“ آزمودو آهي گرو: ان گروءَ جي چرڻن ۾ وڃي سبق سک ته تنهنجي زندگي کلي!

هيءَ زندگي آهي اِڪ اسڪول، - آزمودن جو

اهو پيار ڪٿن جاڳي؟ اهو پيار جو اُٿو جيون
جو ڀرم خزانو، جنهن بنا اسين آهيون خالي. پل ڪٿي
سچو راج هجي دنيا جو مونکي، پر جي منهنجي دل
اندر پيار پرڀوء لاءِ نہ جاڳيو آهي تہ منهنجي جيون
اُٿو ويران. اِن ڪري لماڻا ٿيو. پياس ۾ ڳوڙها ڳاڙيو،
دل خالي ڪريو. هڪ هڪ کي پيار ڏيو. پيار پيدا ڪريو.
پنهنجي مالڪ پاڙا سڦل ڪريو!

منهنجا گروءَ، مان اُوهانجو شش، ڇو جو مونکي اَڄ
گروجن حڪم ڪيو آهي ته مان توهان وٽ اَچان ۽
اَچي اُوهانجي شرڻ وٺان!"

ٻيارو دادا اُن وقت ڇا ٿو چوي؟ چوڻ ٿو :-
" ٻيارا! مان گرو آهيان ڪين. مان ڪنهن جو به گرو
ڪين آهيان. مان ته ٻارڙ هڪ جو شش آهيان."
الين ٻياري دادا ڇيو ته وري وري هڪ هڪ کي،
جو دل ۾ ٻياس رکي آهو تي ٻياري دادا وٽ ته "مان
وهانجو شش: مونکي قبول ڪريو!" ٻياري دادا
ڇيو ته وري وري :- " مان گرو آهيان ڪين!" ٻر
ياري دادا ڪئن ته اَسان مان هڪ هڪ کي اَندران ئي
ندران آسيس ڪئي! ٻياري دادا ڏيکاري ڏني ڪين:
اري دادا نهاني ڏني ڪين. ٻر اَندران ئي اَندران
و ڳجهه ۾ ڳنڍيندو. اَندران ئي اَندران لڪائي لڪائي
و ٻريندو. ٻياري دادا ڇا ته ڪيو ۽ اڄا تائين
رو دادا ڇا ته ٻيو ڪري! اڄا ٻيو ڪري. لڪ
ي ڪين: خبر ڏني ڪين: ٻر هن وقت به ٻيارو
ا ڇا ته ٻيو ڪري! ٻياري دادا جي ٻللن جو
ار ڪري اَسان مان ڪيترن جي دلين اَندر گرباڻيءَ
اَکر اڄدا آهن ته وري وري :- " اَنسي لعل تجهه
ڪوُن ڪري؟" منهنجا ٻارڙم! ٿوڪان سواءِ اِئين

إِسڪول! ڪيترا سال ٿيا پياري دادا وٽ هڪ ماڻهو
ٻوي ٻري ڪان ٻڌڻ ڪري اَچي ٿو. سنڌ
ڀيڙ ميڙا، سنڌس ٻنگن لي مٽي: سنڌس ڪپڙا مير
۽ سنڌس اَکيون ڀيئون چمڪن! پياري دادا کي مل
ٿو ۽ پياري دادا کي ڇا ٿو چوي؟ پياري دادا ک
چوي ٿو ته ”مان آهيان ٻرو نانڪ ديو جن جو پڳ
روز ڪيترو وقت سالنيڪي ڪنڌ ۾ مان وڃي گروج
جي چرڻن ۾ وهان: وڃي گرو نانڪ ديو جن جو ڏي
ڪرهان: گروجن کي ٻڪارهان: گروجن جي باڻيءَ ج
اَڀياس ڪرهان: ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙهان!

”اَڄ جڏهن مان وڃي گروجن جي چرڻن ۾ وڌس
مون سمجهيو گروجن پاڻ اَچي منهنجي اَکيان ٻيٺ
اَچي مون کي پاڻ درشن ڏناؤن ۽ هٿ جي آڱر س
مون کي اِشارو ڪيائون. مان نهاريان ٿو. ” الب
هڪ ماڻهو چوڻو ”مان نهاريان ٿو، جڏهن پاســ
گروجن اِشارو ڪنتا. اُت مان ڏسانڻو، پيارا دا
گروجن توهان ڏي پيا مون کي اِشارو ڏين. مون ک
چوندا: ’پيارا! تون وڃ دادا وٽ.‘ اِنڪري مان
ٻنا ديو جي توهان وٽ آيو آهيان هڪ ٿي پياس د
اَندر رکي ته مون کي پنهنجي چرڻن ۾ قبول ڪريو
مون کي پنهنجو شش ڪري قبول ڪريو: توهـ

آزمودو اوهان وٽ اَچي، اُن آزمودي سان دوستي رکو. سمجهو ته توهانجو مترُ توهان وٽ آيو آهه. جئن ڪنهن دوست جو آدرستڪار ڪريو، تئن هڪ هڪ آزمودي جو توهين آدرستڪار ڪريو.

اَسين اَفسوس! آزمودن سان ڪيترا ڀيرا وڙهون ٿا. اَسان وٽ ڪو آزمودو اَڻ وڻندڙ روپ وٺي اَچي اَسين ٻري ڀڄي وڃون. چئون:- ”پرڀو! هي ٿيڻ نه ڏجانءِ. هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ پرڀو! مونکي هن آزمودي کان پري رکه.“ پيارا! تون ڀليل آهين: جو آزمودو تو واسطي آهه، سوئي تو وٽ ايندو ضرور، ڇو ته اُن آزمودي ۾ پرڀوءُ پاڻ اُليئي ۽ پرڀو اَچي تو توکي ڪونه ڪو خاص خزانو ڏيڻ. اِن اَڻ وڻندڙ آزمودي ۾ ڪانه ڪا لڪل آسيس اٿيئي.

هن جيون ۾ اَسان کي اِنهن ٻن قسمن جا آزمودا ملن ٿا:- ڪي وڻندڙ آزمودا ۽ ڪي اَڻ وڻندڙ آزمودا. پوءِ اَسانجي حالت ڪهڙي؟ اَسين وڻندڙ آزمودا وٺي خوش ٿيون ۽ اَڻ وڻندڙ آزمودو اَچي، اَسين چئون:- ”ڪئن ٻري ڀڄون؟“ سنتن وٽ وڃون، ٺڪاڻن، مندرن ۾ وڃي باسون باسيون، چئون:- ”پرڀو! هتان مونکي ڇڏاءِ، مان ناريل اَچي توکي چاڙهيندس.“ جدا جدا قسمن جون باسون باسيون ٿا. چئون اَڻ وڻندڙ

ڪير ڪري سگهي ؟ وري وري اهي اکر چئن ٿي
اچن . وري وري پياري دادا جون ليلائون ڏسي اسان
جي دل منجهان به اهو آواز اُٿي :- " اَنسي لعل تجهه
بن ڪؤن ڪري ؟ "

هن ماڻهوءَ کي پيارو دادا چا ٿو چوي ؟ چوي
ٿو :- " پيارا ! مان گرو آهيان ڪمن . پر جيون، زندگي
آليٽي گروُ، اسڪول ،- آزموُدن جو اسڪول . هڪ
هڪ آزمودو اُليٽي گروُ . ان گروُءَ جي چرنن ۾ ٿون
وڃي وٺهه ۽ سبق سک ته تنهنجي زندگي بيٽي ڪلندي،
بيٽي ڪلندي ! " هن وچن دئاران پيارو دادا اسانکي اها
سکيا ڏيڻ چاهي ٿو . اسان مان هڪ هڪ جو گروُ
اسان سان آهي . جيڪي آزمودا اسانکي ملن ٿا ، اهي
اچن ٿا اسانکي سکيا ڏيڻ . آزموُدن جي اسڪول ۾
اسين آيا آهيون . هڪ هڪ آزموُدو اچي ڪونه ڪو
سبق سيکاري ٿو . پيارو دادا چوي ٿو ته آزموُدن
جي چرنن ۾ وڃو ، ڇو ته اِڪ اِڪ آزمودو آهي گروُ :
ان گروُءَ جي چرنن ۾ ويهي سبق سکو ته توهانجي
جيون ٻاٽيهي ڪلندي .

اَج پيارا ! فقط ٿورا اکر اوهانکي چوڻ ٿو چاهيان
ته جيون سان دوستيءَ جو ناتو رکو . جيون ، زندگيءَ
سان وڙهو نه ، آزموُدن سان وڙهو نه ، پر جيڪ وجيڪو

۽ ٻوڙي ٻوڙي ان آزمودي کي اُڇي ملي ٿو ۽ چوي ٿو ته- ”ڀلي آئين منهنجا ڳوڙها!“ ڳوڙهن جو سواگت ڪريو. ڳوڙها ڪيترا ڀيرا تنگيءَ جي روپ ۾ اچيندو: شل ڳوڙهن جو سواگت ڪريون!

ان ٻارن واني راند ڪئي: ٻنهي ٻارن ڏکو کاڌو. ڪين ڳوڏن ئي رهڙيون، هٿن ئي رهڙيون. هڪ ٻار ڀيو روئي، ٻيو روئي. ٻئي ٻار کي هڪدم ماتا پنهنجي هنج ۾ کڻي ٿي. ماتا جي هنج ۾ نئين سيڪ آهي. اها هوشياريءَ سان سيڪي ڇڙ ته هٿ مان کڻي ٿي. ٻالڪ کي چوڻي ٿي:- ”ٻالڪ! تو ڏکو کاڌو، ۽ زمين تو کي سيڪي ڏني ٿي. تون خوش ٿي.“ ٻالڪ خوش ٿئي ٿو. ٻالڪ چوي ٿو:- ”امي! وري ڪڏهن ڏکو کائيندس جو سيڪي ملندي؟“ هن ٻنهن جي راند ۾ اسين وري ڏکا کائون ٿا: ٻه جي ڏکن کي اسين قبول ڪريون ته اسان کي خاص خزانو ملي جو خزانو آهي لڪل فقط ڏکن ۾، جو خزانو آهي لڪل اڻ ولندڙ آزمودن ۾.

پيارو دادا چوندو ته ”هيءَ زندگي اَئيمي هڪ اسڪول آهي- آزمودن جو اسڪول. ان اسڪول اندر سکڻ آيو آهين.“ پيارا! تون هت ڇا لئه آيو آهين؟ تون هت پاڻ تنهنجن پاڻ لئه ڪين آيو آهين، ٻيو

آزمودن کان ٻري رهون. پيارا! تون ٻلبل آهين. هڪ
هڪ آزمودو، جو ٻاٻو توکي موڪلي ٿو، اُن ۾ اُتيڻي
لڪل آسيس، لڪل خزانو! تون آزمودن سان وڙهه
نه، پر هڪ هڪ آزمودي جو وچي ستڪار ڪر. گرو
ٻالڪ آيو آهي تنهنجي گهر ٻاهي؟ تون گروءَ کي چئه:-
"گروءَ! تون ڀلي آئين!"

جدا جدا رُوپن ۾ گرديو وستر پهري اَسان وٽ
اَچيتو. ڪڏهن بيماريءَ جو وستر پهري اَچي ٿو:
پر گروءَ اَتو ٻالڪ، اِن بيماريءَ ۾ لڪل. گروءَ اَچي بيماريءَ
۾ ڪيم سيکارڻ چاهي ٿو. پر اَسين سکڻ لاءِ تيار
ڪين آهيون. اسين بيماريءَ کان ٻچي ڀڄڻ چاهيون
ٿا، اِنڪري جيڪو خزانو گروءَ ڏيڻ چاهي ٿو بيماريءَ
دوارا، اُن خزاني کان اَسين ٻالڪ کي وانجھ ڪريون
ٿا. گروءَ ڪيترا پيرا مؤت جو جامو پائي اَچي ٿو:
اَچي اَسانجي ڪنت مان ڪنهن نه ڪنهن کي کسي
وچي ٿو. ڪيترو نه رودن ڪريون ٿا! چئون ٿا:- "پرڀوءَ!
هي تو ڇا ڪيو؟" "پيارا اهو آزمودو، تو لاءِ ضروري
هو، اِنڪري اهو آزمودو تو وٽ آيو." ڪيترا پيرا
گروءَ نندا جو: بدناميءَ جو وستر پهري اَچي: اَسان
جي نندا ٿئي، ذلتي ۾ نقصان ٿئي. جدا جدا روپن
۾ گروءَ اَچي ٿو. سچائو سو جو گروءَ کي سڃاڻي ٿو:

ٻيا دوست کهڙا نه شاهوڪار! مونکي فقط ملن ٢٥ رپيا. مان ڪڏهن شاهوڪار ٿيندس؟ مون تي آسيس ڪر ته مان به شاهوڪار ٿيان." ۽ مون مشڪيو. مون چيو:- "پيارا! شاهوڪاريءَ ۾ سک اٿيئي ڪين." پر هي پيارو پاڻ ڳالهه سمجهي ڪين ٿو. ٿوري وقت کانپوءِ سندس پتا جو موت ٿئي ٿو ۽ پتا پنهنجي پٽ لاءِ ٩ لک رپيا ڇڏي وڃي ٿو. ٩ لک رپيا هن پياري کي ملن ٿا. هن جو مٿو ڦري وڃي ٿو. ڪسنگ ۾ وڃي ڦاسي ٿو. شراب پيئي ٿو. جوئـا ڪري ٿو. استرين جي سنگ ۾ وڃي ڦاسي ٿو. دکي ٿئي ٿو. ٿوري ئي وقت ۾ هن جا ٩ لک ڪافور ٿي وڃن ٿا. مونکي مليو وري. سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا. چيائين:- "جنهن ڏينهن کان شاهوڪاري ملي، تنهن ڏينهن کان منهنجي جيون برباد ٿي ويئي!"

ڪيترين ئي ڳالهين، جي اَڻ وڻندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، پر اُن ۾ اَسان جو ڀلو. ۽ ڪيترين ئي ڳالهين وڻندڙ ڏسڻ ۾ اچن، اُنهن ۾ اَسانجو نقصان. انڪري پيارا! نه وڻندڙ پٺيان ڊوڙ ۽ نه اَڻ وڻندڙ کان پري ڀڄ. پر پرڀوءَ کي پڪار:- "پرڀو! جيڪي تون مون لاءِ نيڪ سمجهين اُهو ئي مونکي موڪل. جيڪي تون ڪرين، اُن ۾ ڀلو آهه."

پدارٿ، عهدو اقبال ڪٺو ڪرڻ لاءِ ڪين آيو آهين.
اهي ته سڀ اَڻيٺي فاني. هٿ ئي چڙهي وڃن. ته
پيارا! تون هت ڇا لاءِ آيو آهين؟ ان اسڪول اندر
تون آيو آهين سکڻ پيارا! ائين نه ٿئي ته انهه ڪال
۾ وڃي هٿ هٿين ۾ چوڻن :- ’اَلا! مون ڪين ڪمايو!‘
آزمودو اڻيٺي گرؤ. ان گروهه جي چوڻن ۾ وڃي سبق
سکي ته پنهنجي جيون زندگي ڪٽي.

پهريون ئي پهريون سبق، ڪيترائي سبق آسان
ڪي سکيا آهن ۽ پر پهريون سبق، جو هڪ ڪي
سکڻو آهي سو هي:- (Things are not what they seem)
حالتون اُهين ناهن جهڙن اسان کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.
ڪي حالتون اسان کي ڏسڻ ۾ وڻندڙ اچن. اُسين
جهڙن اهڙي حالت جهڪر اسانجي ٿئي. آ! پر انهن
وڻندڙ حالتن ۾ آهي اسانجو نقصان. ڪي حالتون
ڏسڻ ۾ اڻ وڻندڙ حالتون. پر جي اُسين قبول ڪريون
ته ڏسون اُنهن ۾ اسان جو ڀلو آهي. ساهوڪاري ڏسو
ڪهڙي نه وڻندڙ آهي! پر شاهوڪاري هڪ لاءِ
ڪين آئو.

هڪ پيارو ٻاءُ مونکي ملندو هو، چيائين :-
” ڪيترا سال اڳ منهنجو پتا مون سان سختي تو
ڪري. مونکي فقط ۲۵ رپيا تو ڏئي. آ! منهنجا

کوليو ٿو. اُن وڏي Packet جي اندران هڪ وڏو لاٽون نڪتو! اُن وقت مان نچڻ لڳس. مون پڇيو تہ مون ڪهڙو نہ چڱو ڪم ڪيو جو اهو ميرو Packet کنيم، مون کي پين ملي. جنهن مون کي حالتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون تن اَٿو کين. ڪيترا ڀيرا اَڻ وڻندڙ حالتون توهان لاءِ عجيب خزانو کڻي اچن ٿيون.

ان ڪري پياري دادا پنهنجي نرمل پوٽي ڀارتنا ۾ ڇا ڇيو؟ پيارو دادا ڀڳوءَ کان ڇا ٿو گهري؟ اَسين جيڪر ڇا گهرون؟ آ! ڇا نہ جيڪر گهرون؟ سڄي دنيا اَسانجي ڀرپال آهي: ڇا نہ جيڪر گهرون؟ پر پيارو دادا ڇا ٿو گهري؟ "منهنجا ڀڳوان! مونکي اُچي ٿون رحم ۾ رکار." ايو ڪيچ پيارو دادا ڪين ٿو گهري. پر گهري ٿو فقط هي، "ڀڳو! مونکي اُچي ٿون رکار!" سختيون وري تڪليفون، ڪشٽ، بيماريون، مصيبتون گهريون آهن، جن کان دنيا ڀڄي ٿي، سو جو اُنهن ڀوڳيو آهي تہ انهن ڪشٽن، تڪليفن، مصيبتن ۾ آهي لڪل خزانو، عجيب خزانو!

منصور درويش، جڏهن کيس سوليءَ تي چاڙهڻ لاءِ پڪڙيو اٿن، کيس جيل ۾ وجهن ٿا. جيل ۾ ٣٠٠ ٻيا بہ قيدي آهن. ان جيل ۾ انهن ٣٠٠ قيدين کي

مان ننڍو ٻار هوس. مان سمجهاڻو آئن سالن
جو هوس. منهنجو هڪ جنم ڏينهن هو. ٻوءِ منهنجي پتا
جو هڪ مترُ مون وٽ ٻه Packets کڻي ٿو اچي.
هڪ Packet ٻيو چمڪي! وڏو Packet اڻ لڳي
چمڪندڙ روغني ڪاغذ چڙهيل آهي. وڏو سڌر Packet
آهي. ٻيو هڪ Packet ردي ڪاغذ ۾ ويڙهيل. ان ۾ به
لڳ داغ آهن، تنهن لاءِ دل نه ٿي. ۽ مون کي هي
پيارو چوي ٿو :- "هنن ٻن Packets مان ڪوبه
جيڪو وڻي سو هڪ کڻ، مان هڪ Packet توکي
ڏيڻ چاهيان ٿو." دل ڪم آڻيمي وڃي ٿي اُن
روغني پني ڏي. مون چيو :- "جيڪو اهو چمڪندڙ
Packet کڻان. اندر آلائي ڇا پيو هوندو؟ مان جيڪو
اهو Packat کڻان." ۽ منهنجي اندر وارن چيو
ته "اِن Packet پٺيان نه ڊوڙ. تون ميرو سنهڙو Packet
کڻ. اِن ۾ ئي تنهنجو ڀلو آهي." دل نه پئي ٿي
ته اهو سنهڙو Packet کڻان ۽ ٻه اهو ميرو Packet
کڻان ٿو. کوليان ٿو. اندر اچي پين پئي آهي! آ!
اها شيءِ ته مون کي ڪمندي هئي. ۽ مان پيو چوان:
"جي هن Packet ۾ هڪ پين آهي ته هن Packet
شايد ١٢ پينون پيون هونديون. مون پاڻ کي نقصان
ڪيو." اهو منهنجو ويچار هو پڙهي ٿو. هو Packet

آزمودو اچي ٿنهن جو آدر سٽڪار ڪريو. آزمودن کان ٻري ڀڄڻ نه چاهيو. ياد ڪريو جي ڪنهن اڻ وڻندڙ آزمودي کان ڀڄو ٿا، ٿورو وقت ڀڄي سگهندا، ٻو وري توهان وٽ اهو آزمودو ايندو ضرور قرضيءَ وانگر.

هڪ ڏينهن ٻه ٻُسا قرض ورتم. ڏنم سامهون ٻيو اچي، قرضي ٻيو منهنجي پٺيان ٻوي. ڀڄي واپس ٻيءَ گهٽيءَ ۾. ڏسان اُت بيٺو آهه. مون کي ڇو تو ڇڏي؟ جت وڃان اُت بيٺو آهه. ٺيڪ هڪ هڪ آزمودي کان توهين ڀڄي سگهندا ڪين. توهان وٽ آزمودو ايندو ضرور. ان ڪري آزمودا قبول ڪريو. انهن جو آدر سٽڪار ڪريو. ڇو جو هڪ هڪ آزمودو اُتو گرديو جو روپ. گرديو اچي ٿو اوهان وٽ توهان کي سکيا ڏيڻ واسطي. اها سکيا توهين وٺو.

Meet every situation with love. Bless every situation, and then you will find that you have become free as the free air, and you will be filled with the peace that passeth understanding and the joy that has no ending!

چوي ٿو:- ”توهين آزاد ٿيڻ چاهيو ٿا؟“ هڪ هڪ چوي ٿو:- ”اَسين آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا. پوءِ اَسان کي ڇا ڪجي؟“ هي جو پهچ وارو هو، ڇا ٿو ڪري؟ اِشارو ڪري ٿو. ان اِشاري ۾ عجيب شڪتي هئي. جو جو ڏسي هڪ مهايوگي هو ۽ ان اِشاري سان هنن ٣٠٠ قيدين جون زنجيرون ڪلي پيون. ڪلف ڪلي ٿا جيل جا، ۽ هي ٣٠٠ قيدي چون ٿا:- ”پوءِ لڳ پهچون. آزادي ملي آهه: اَڳو ته پهچون.“ منصور کي چون ٿا:- ”پيارا! تون ته هل!“ تڏهن منصور ڇا ٿو چوي؟ منصور چوي ٿو:- ”پيارا! مان هلندس ڪين جو جو منهنجي ته سواري آهه سؤليءَ ڏي. ان سؤليءَ ۾ مون کي مليندو خزانو خاص! مس مس ڪري پوري ٿئي ٿي منهنجي دل جي پياس. مان هٿ هوندس. توهين پيل پهچو.“ سنت سؤلي گهوري ولن ٿا. ٽڪليفون گهوري ولن ٿا، جو ته انهن ٽڪليفن ۾ عجيب خزانو لڪل ۽ پيارو دادا اَڄ چوي ٿو:- ”آزمودو اَيمتي ڳرو! ان ڳروءَ جي چرنن ۾ واهي سبق سکو ته تنهنجي زندگي کلي!“

جيڪر هي ننڍڙو ويچار توهين ۽ مان پاڻ سان کڻي وڃون، Make friendship with life. جيون، زندگيءَ سان دوستيءَ جو ناتو رکو. جيڪو

کھڙي ڳالھ ؟

"هڪ موقعي تي رامڪرشن پرمھنس کان مٿن کي چيو :- "جنني! جنني! منھنجي ماتا! اُنکي مون پرارٿنا ڪئي :- 'اَمي! مونکي پيار ڏي!'

" پوءِ مون سندس ڪمل چرڻن ۾ اَچي هي ٿورا گل رکيا ۽ مون وڏيءَ هي چيو :-

'اَمي! هي پنج ۽ پاپ، پئي مونـکان وٺ ٿون: ڏي مونـکي نرمل پيار، فقط نرمل پيار ٿو واسطي!'

'جنني! هيءَ وديا ۽ اَوديا، پئي مونـکان وٺ ٿون: ڏي مون کي نرمل پيار ٿو واسطي!

'جنني! هيءَ پوترتا ۽ هي وڪار، سڀئي ڪسي وٺ مون کان: ڏي مون کي فقط پيار، نرمل پيار ٿو واسطي!'"

ٿورا ڏينهن ٿيا اَسان مان ڪن پرڏ پئي ڪيو. تماشام جو وقت هو. سڀ پئي لٿو سونهن ۾. عجيب سونهن ۾! اسان پئي پرڏ ڪيو ۽ جڏهن ان عجيب سونهن ڏي پئي نهاريوسين، دل منجهان سڀاويڪ هي اَکر پئي آيا:- "پريُو! تون آهين: تون آهين!" عجيب سونهن آسمان ۾! اها سونهن ڏسي دل پئي فقط هڪ اُپيت اُچاريو:- "O Lord! Thou art!" پريو! تون آهين! تون آهين!" اُن وقت هڪ منھنجو پيارو ٻالڪ هـــي

[۴]

ٻيو آهي ٻيار

ٻياري دادا جي هن سندر ٻستڪ " ٻرڀات جي ٻردي ۾ "، ڏنل آهن ننڍڙا وچن: ۽ هڪ هڪ وچن، It is a capisule of spritual strength! هڪ هڪ ڏسهن لاءِ هن ننڍي ٻستڪ ۾ ننڍڙا وچن ڏنل آهن، جي آهن هڪ هڪ ڏسهن لاءِ سکيا. ۽ ۽ اڄوڪي ڏسهن جي وچن ۾ ٻيارو دادا ڪهڙي سکيا ڏني ٿو؟ مارچ ١٧ تاريخ جي وچن ۾ ٻيارو دادا اسان کي ڇا ٿو چوي؟ ٻيارو دادا اڄوڪي وچن ۾ سنت رامڪرشن جي جيون مان هڪ ننڍو Incident اسان جي اڳيان رکي ٿو. عجيب سنت هي، سنت رامڪرشن، جنهن جي نالي ڳنهڻ جي ۽ مونکي لائق ڪين آهي. عجيب سنت! ان سنت جي جيون مان اڄ ٻيارو دادا دادا اُسانجي اڳيان هڪ ننڍڙي ڳالهه رکي ٿو.

ٻر ٻرڙوءَ پنهنجي مهر ۾ اسان جي اِها پرارٿنا ٻڌي
کين، ڏئي کين. کجهه وقت کان پوءِ اسين ڏسون
ته ٻرڙوءَ چڱو کيو جو اسانجون پرارٿنائون نه اُنايائين.
ڇو جو اسان جيکي گهريو سو اسان لاءِ نقصانڪار
هو. اسانجي ٻڌي الپ آهي. اسين فقط ٿورو ڏسي
سگهون ٿا: ٻر ٻرڙوءَ جي درشٽي وشال! ٻرڙوءَ کي خبر
آهه توهان لئه ۽ مون لئه ڇا فائدي واري ڳالهه آهه.
ٻرڙوءَ کي اسانجي گهرجن جي اسانکان وڌيڪ خبر آهه."

هڪ ننڍڙو ٻار ڏٺم. وڏو ڪيٽو ڪري. "پيارا!
تون ڇو ٻيو روئين؟ تون ڇو ٻيو واڪا ڪرين؟"
ڇي:- "مون کي ماچيس کپي. مان باهه ٻارينديس."
پوءِ تون ننڍو ٻار. تون باهه ٻارين توکي اچي باهه لڳي،
تنهنجي سرير کي لهس اچي وڃي يا تنهنجي آگر جلي
وڃي يا تنهنجي ڪپڙي تي باهه لڳي. پر ٻار چوي:-
"مان ضرور باهه ٻاريندس. ميري ممي: ممي تو آئسي
ممي ساري جڳهه ۾ نهين ڏهکي. مونکي ماچيس ڏئي
ڏئي." پر ماتا ٻار کي ماچيس ڏيندي ڪانه. ڪيڏو
نه ٻار گوڙ ڪري، ڪيڏو نه روئي. ڏسون اسين ٻيا
ننڍڙا ٻار، ڪيترا ڀيرا ٻرڙوءَ کان ماچيس گهرون ٿا ۽
ٻرڙو اسانکي ڏئو ڏئي. چوي ٿو ته "مان توهانکي
باهه ڏيندس ڪين." انڪري گهرڻ کان بهتر آهي

سوال اٿاري ٿو. چوي ٿو:- ”ڇا بهتر آهي؟ پرڀوءَ
کان گهرڻ يا پرڀوءَ کان ڪجهه به نه گهرڻ؟ پنهنجون
گهرجون پرڀوءَ جي چرنن ۾ رکجن اهو بهتر يا ڪجهه
به پرڀوءَ کان نه گهرجي؟“

ان وقت هن پياري کي مون ڇا چيو؟ مون
چيو:- ”پيارا! پرڀوءَ کان جي گهرونٿا ته اُن ۾ اَسين
ڪا خراب ڳالهه ڪين ٿا ڪريون، ڇو جو پرڀو آهي
اَسانجو بابا! پرڀو آهي اَسانجي جندڙي! پرڀو آهي
اَسان جي ماتا!

’تم مات پتا هم بارڪ تيري‘

”دنيا جي در تي شل نه ٿي وڃي بيمار ٿي بهون.
جي گهرون ته پرڀوءَ کان گهرون. جي تون پڇين ٿو ته
’بهتر ڇا آهي؟ گهرڻ يا نه گهرڻ؟‘ ته پيارا! مونکي
گرسکيا هيءَ مليل آهي ته گهرڻ کان بهتر نه گهرڻ
آهي. ڇو جو جنهن جو پرڀوءَ ۾ وشواس ٿئي ٿو ۽
جڏهن هن راهه ۾ اَسين قدم به قدم اَڳتي کڻون ٿا تڏهن
اَسانجي اندر وشواس وڌي ٿو پرڀوءَ لاءِ، پوءِ اَسانکي
پڪ ٿئي ٿي ته پرڀوءَ کي اَسانجي گهرجن جي اَسان
کان وڌيڪ خبر آهي. اَسين ڪيترا پيرا گهرون ٿا
پرڀوءَ جي در تي وڃي ويهون ٿا، وڃي ٻاڏايون ٿا؟
وڃي دانهون ڏيون:- ’پرڀو! هي اَسانکي ضرور ڏي!‘

توکي کپي سو توکي ڏيان !"

هي فقير عجب ۾ پوي ٿو. هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو: پاڻ ڏي نهاري ٿو، چوي ٿو:- "ڇا گهران"؟ اُنوقت هي فقير ڇا ٿو گهري؟ چوڻ ٿو:- "مونکي هڪ ڌوتي کپي، هڪ خميص کپي ۽ ١٠ رپيا کپن." يڪدم پيارو دادا چوي ٿو:- "منهنجا ٻالڪ! وڃ، وڃي ڌوتي، خميص ۽ رپيا کڻي اچ ته هن فقير کي ڏيان، پوءِ مان پنڌ ڪندس." مان ڌوتي، خميص ۽ ١٠ رپيا کڻي آچان ٿو ۽ پيارو دادا هن فقير کي اهي ڏئي ٿو ۽ سندس چرنن ۾ سر جهڪائي اڳتي پنڌ ڪري ٿو.

مون پياري دادا کان پڇيو:- "پيارا دادا! توهان هن فقير کي چيو ته جيڪي گهرين سو توکي ڏيان. پوءِ جي ٥٠٠ رپيا توهان کان گهري ها ته توهين ڪيئن ڏيو ها؟" پيارو دادا مشڪي ٿو ۽ چوي ٿو: "جيڪي گهري ها سو ڏيانس ها." پياري دادا جو مطلب هو ته "منهنجا ٻالڪ! هي ٥٠٠ رپيا ڪهڙي ڳالهه آهه؟ پر جيڪي گهري ها سو ڪيئن ڏيان ها!" پوءِ پياري دادا چيو:- "اَسين به هن فقير وانگر آهيون نه. شاهن جا شاهه جي در تي اَچون ٿا ۽ اَچي ڇا ٿا گهرون؟" پياري دادا چيو:- "ٻانوءَ جي در

نہ گھرڻ. پر مان سمجھائيندو تہ نہ گھرڻ جي راھہ ڏاڍي
ڏکي راھہ آھہ. جڏھن اسين ننڍيل آھيون، اسين ڪجھہ
نہ ڪجھہ گھرڻ چاھيون ٿا. اسانجي دل اندر پياس
آلي ٿي تہ ڪجھہ نہ ڪجھہ ضرور گھرون. پوءِ جي گھرون
تہ ڇا گھرون؟ گھرون جنھنڪان مٺي پيو ڪجھہ آھي ڪين.

هڪ ڏينھن پياري دادا ٻڌ ٻڌي ڪيو: ۾ واٽ
تي پياري دادا کي هڪ فقير گڏجي ٿو. سندس
ڪپڙا ميرا، ڦاٽل! سندس ھٿن ۾ پيون ٿي مٽي. پيارو
دادا فقير ڏي نھاري ٿو. پياري دادا جون اکيون
ٿين لڙڪن آليون. ھن غريب ڏي پياري دادا نھاريو
وري وري ۾ دل جي درد مان ڳوڙھا ڳاڙيا ورڻ وري.
پياري دادا جي دل هڪ عجيب دل جا ھن وقت ٻہ
آسان مان هڪ ڏي پئي نھاري، پيئي پڪاري:-
"غريبن جا دوست ٿيو! مسڪينن جا مددگار ٿيو!"

پيارو دادا ھن فقير ڏي نھاري ٿو: سندس
اکيون آليون ٿين ٿيون. ھن فقير ڏي نھاري چوي ٿو:-
"پيارا! تون گھر: جيڪي تون گھرين ٿو کي ڏيان."
ھن فقير اھڙو ڪو انسان اڳي ڪين ڏٺو ھو. ھي
فقير تہ گھرندو ھو تہ ڪيس چريون ملنديون ھيون.
ڪڏھن تہ ڪيس چماٽون ٻہ ملنديون ھيون.
پيارو دادا ھن کي چوي ٿو:- "پيارا! تون گھر: جيڪي

سنسار ۾ مايا ڀوڳل آهه!" . انڪري نارد گهري ٿــو
هي :- "منهنجا سائين! مونکي پنهنجي چرنن لڳ
ڏي پيار ۽ نه مايا مونکي منجهائي: اَچي لهه منهنجي
سنڀار! اها ساکي پڪار هئي نه پياري دادا جي پرارٿنا
۾. پيارو دادا اِن پرارٿنا ۾ چيو:- "ٻابو! هيءَ مايا
آهه موهڻي: اِن مايا کان بچاءِ!" ڇو نه مايا جي چنبي
۾ آئو موت. اِن موت جي ميدان ٿي اَسين آهيون
مايا جي چنبي ۾ قاتل. اِن ڪري نارد گهري ٿو:-
"ٻابو! مونکي پنهنجي چرنن لڳ ڏي پيار نه مايـــا
مونکي منجهائي: اَچي لهه منهنجي سنڀار!" هن کان
وڌيڪ ٻيو گهرڻ ڇا؟ پيار گهرو! اَچوکي وچن ۾
پيارو دادا اَسانکي سکيا ڏني ٿو:- "پيار گهرو! ڇو ته
جيون جو ڀرم پدارٿ آئو پيار." جيسين توهانکي ٻابوءَ
لڳ پيار نه آهو آهه تيستين توهين پيا ڀٽڪندا:
پيا رلندا!

پيارو دادا لنڊن ۾ هو، تنهن کي ڪيترا سال
ٿيا. ٦٠ سال ٿي ويا اِن ڳالهه کي. نوجوان دادا،
پيارو دادا ويو آهه Congress of Religions تـــي،
ڀارت جو پرتينڌي ٿي. هيٺئر لنڊن ۾ پيو پند ڪري.
اوچتو مينهن اَچي ٻوي ٿو. مينهن کان ٻاڻ ڪـــي
بچائڻ واسطي پيارو دادا وڃي هڪ وڻ هيٺ ٻهي ٿو.

لي اَچي ٻيا ڳڀرون ۽ ٻيو گهرون، ڀڳوان ڪان ٻيا ڏولي، خميصون، ١٠ رٻيا گهرون!“ آ! توهين سچي پاتشاه وٽ اَچو ٿا. اَچي ڇا ٿا گهرو؟ ڪاسونس پدارٿ گهرو ٿا. سوڀ جي ڳجهه، پت، نوڪرياڻون گهرو ٿا. ٿالي ٻيا گهرون. اڙي! شاهن جي شاهه جي در تي اَچــي ڇا ڇا ٻيا گهرو؟ اچي روئو ٿا: اَچي رڙيون ٿا: اَچي ٻاڏايو ٿا: ڀُو گهرو ڇا ٿا؟ ٻيارا! ڀڳوان ڪان ونو اهو پرم پدارٿ جو اُنو ڪمل چرنن لاءِ پيار. ”اَمي! مونکي ڏي پيار ٻاڻ واسطي!“ اِئين شري رامڪرشن گهريو ٿي. ”هڪ موقعي تي رامڪرشن پنهنجن ڪن مترن کي چيو:- ”جنني! جنني! منهنجي ماتا!“ آءٌ کي مون پرارٿنا ڪئي:- ”اَمي! مون کي پيار ڏي!“

نارد مهرشي، نارد جو ٻيـا ڪٿي وڃي داس نرداس هڪ ڀي پيغام ڀڳوان جو وڃي پهچائي:- ”هي من گوبندم!“ نارد کي هڪ ڏينهن درشن ملي ڳــو. شري رام جو ڀڳت نارد: نارد کي شري رام جو درشن مليو ۽ شري رام کيس چيئو:- ”پيارا! گهر، جيڪي توکي کپي. مان توکي ڏيان.“ ان وقت نارد ڇا تو گهرتي؟ نارد شري رام کي چوي ٿو:- ”سائين! ڪجي مونکي ڪين پيو ڪپي: فقط مونکي ڏي پنهنجي چرنن لاءِ پيار!“ ۽ ٻي ڳالهه هيءَ ته ”مايا مونکي نه منجهائي، اَچي لهه منهنجي سنسار. منهنجا پرتم! هن

وري وري مون پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ وڃي
ويهي، "سندس نُوراني نيڻ ڏي نهاري نهاري، وري
وري دل اندر اٿندو هو هي هڪ سوال جو سندس
چرنن ۾ رکندا هئاسين :- "پيارا دادا! توهين آهيو
ڪير؟" مان سمجهي ڪين سگهندو هوس ته هي
ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهه؟ ۽ وري وري ان سوال
جي جواب ۾ پياري دادا ڇا چيو؟ چيائين :- "مان
آهيان هڪ پانڌي مان آهيان هڪ پانڌيئڙو، جو پيار
جي راهه، محبت جي راهه ۾ پيو پنڌ ڪريان."

مون پڇيو :- "ان پيار جي راهه ۾ هلڻ ڇا آهه؟"

ان سوال جي جواب ۾ پياري دادا چيو :- "پيار
جي راهه ۾ هلڻ لئه ضروري آهه نماڻو ٿيڻ، ڪجهه
ڪين ٿيڻ. مٽيءَ وانگر ٿيڻ. پل ڪير به ٺوڪي
لتاڙي وڃي، تون ڪجهه نه ڪهين، تڏهن تون
سمجهجانءِ ته پيار جي راهه ۾ پنڌ ڪرين ٿو." جڏهن
دل ٿيندي خالي، تڏهن پرڀو اچي روحاني خزانو
کوليندو. اسانجي دل خالي ڪين آهي. اسانجي دل
۾ آهي ترشنائون، آهي واسنائون، سڀ کان مٿي اسان
جي دل ۾ آهي مان، مان جا ويچار. ان "مان. مان"
جي قيد ۾ قيدي آهيون. جڏهن اها مان. مان وڃي
جلي، تڏهن پرڀو اچي اسانکي ديدار ڏي. اچي

اُت وڻ هيٺ هڪ ٻيو ماڻهو بہ ويٺو آهہ. اهو ماڻهو پياري داداڪي نهاري چوڻ لڳو:- ” تون هن ملڪ جو نٿو لڳين. تون ڪو پرديسي لڳين ٿو. تون ڪٿان ٿو اچين؟“ پيارو دادا چوي ٿو:- ” مان ڀارت ڀومي، رشين جي ڀومي ۽ مان هت آيو آهيان.“ هي ماڻهو چوي ٿو:- ” ڀارت ديس! اُت ڌرم سڀ پرڪاش ٿيا آهن. مونکي جيڪر هڪ سوال جو جواب ڏين.“ پياري دادا کي چوي ٿو:- ” مونکي جيڪر ٻڌائين تہ ڌرم جي ڳجهارت ڪهڙي آهہ؟ پر ان سوال جو جواب فيلسوفيءَ ۾ نہ ٻڌائيج، پر فقط ٽن اکرن ۾ ٻڌائيج تہ ڌرم جي ڳجهارت ڪهڙي آهہ؟“

پيارو دادا مرڪي ٿو ۽ چوي ٿو:- ” مدهدا پيارا ڀاءُ! تون چوين ٿو تہ ڌرم جي ڳجهارت مان توکي ٽن اکرن ۾ ٻڌايان. تہ پهريون اکر اٿيئي ”پيار!“ ٻيو اکر اٿيئي ’ پيار ‘! ٽيون اکر اٿيئي ’ پيار ‘ ڌرم جي ڳجهارت اٿيئي ’ پيار ئي پيار ‘!“

جي توهانجي دل ۾ پيار ڪين آهہ، پوءِ ڪيڏا ئي پاٺ ڪريو، دان ڪريو، تيرٿياترون ڪريو، يگيہ ڪريو، جي توهانجي دل ۾ پيار نہ آهي تہ توهين آهيو ڌرم کان پري. پيار آهي ڌرم جي ڳجهارت. جي توهين ڀڳوان جي نزديڪ وڃڻ چاهيو تہ پيار ۾ وڌو.

هڪ ڀيري دادا کي چيو ته: ”مان جيڪر لعل
کان گهران ته منهنجا ٻچڙا! مون کي ڏيڻ جي
شڪتي ڏي!“

هُو چوي ٿو: مان جيڪر لعل گهران: ’منهنجا
ٻچڙا! مونکي ميوا جي شڪتي ڏي!‘“ ٻيون چوي
ٿو: ”مان جيڪر لعل کان گهران ته منهنجا ٻچڙا!
مونتي اهڙي آسيس ڪر جو جنهن کي ڇهان انجي
بيماري دُور ٿي وڃي!“

۽ چوٿون چوي ٿو: مان جيڪر لعل کان گهران ته
مونکي آئينده جي خبر هميشه پوي!“

پوءِ هڪ ڏي نهاري پيارو دادا چوي ٿو:-
”پيارا! تون جيڪر ڇا گهرين؟“ ۽ هي پيارو چوي
ٿو: ”دادا! مان جيڪر هڪ ڳالهه گهران. اها آهه
عشق الله لئه.“ ۽ پيارو دادا ان جواب تي ڏاڍو
راضي ٿئي ٿو. چوي ٿو: ”عشق الله لئه، پيار
پرڀوءَ لئه. انڪان مٿي ٻيو ڪين آٿو. پر جو عشق
گهري الله لئه سو تيار ٿئي ٻاهه مان لنگهڻ لئه!“
ٻاهيون پيئون پرڻ، انهن ٻاهين مان جڏهن اسين
لنگهون، تڏهن اسانجي ”مان-مان“ جلي وڃي.
پوءِ اسان وٽ اچي. پوءِ اچي اسانکي ٻري. ٻري
ٻري پوءِ چوي:- ”هميشه پيارا! تون وڃ، جيڪو

پنهنجو روحاني خزانو ڏي.

پوءِ اِها ”ماڻ - ماڻ“ ڪٿي جلي؟ ”ماڻ - ماڻ“ جلي جڏهن ان آڳ مان لنگهون. ڪهڙي آڳ؟ ان آڳ جو اِشارو پياري دادا پنهنجي سنڌر. پوءِ پيار ڀريا ۾ ڪيو :- ”منهنجا ٺاڪر! مون ۾ آسيس ڪر هڪڙي ڪ اڳير آتش ۾ شل جلي وڃان!“ ان آڳ مان لنگهڻو آهي.

ڪالهه تي وٽي پڇ ڪيوسين. پياري دادا ۾ اسان ماڻ ڪن پياري دادا سان وٽي پڇ ڪيوسين. ان ڏينهن ۾ پيارو دادا ٺڪو پڇ ڪندو هو. پڇ ڪري ڪري هڪ هنڌ پيارو دادا ويهي ٿو. سمنڊ ڏي نهاري ٿو. سمنڊ مان لهرون پيون اچن. عجيب نظارو! ان جو اکرن ۾ ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي! جي نقاش هجان ها ته انهي نصوير ٿوهان کي ڪڍي ڏيان ها. لهرون پيون اچن: لهرون پيون وڃن. هنن لهرن ڏي نهاري لهاري پيارو دادا ڇا ٿو چوي؟ چوڻ ٿو :-

”لهرن جو لعل ۽ ٿون! منهنجا محبوب!“

پوءِ پيارو دادا اسان ڏي نهاري چوڻ ٿو :- ”جي هنن لهرن مان لعل نڪري اچي ۽ اوهان کي چوي ته توهان کي ڇا کپي؟ توهين جيڪر ڇا چئو؟ ڪانٽس ڇا گهرو؟“ هڪ هڪ ڏي پيارو دادا نهاري ٿو.

غريب شاهوڪار کي پيار ڏنو هو، ننڍي کي وڏي کي پيار ڏنو هو، پکين کي ۽ پسن کي پيار ڏنو هو، ندين کي ۽ چشمن کي پيار ڏنو هو، ٽڪرين کي ۽ جبلن کي پيار ڏنو هو، آه! مٽيءَ جي هڪ هڪ ڪڻي کي، پاڻيءَ جي هڪ هڪ ڦڙي کي پيار ڏنو هو! ڇو ته هن وٽ ٻيو ڪجهه آهه ڪين!

هڪ ماڻهو، جنهن پياري دادا کي ڪيڏو نه لٺ ڪيو! ڪن سالن کانپوءِ هي ماڻهو تڪليف ۾ آيو هو، ۽ پيارو دادا وٽ مدد لاءِ آيو هو. ڪيڏي نه پيار ۾ پيارو دادا هن کي مليو هو ۽ سندس مدد ڪئي هو! ۽ آسان مان ڪي پياري دادا کي چيائين: "دادا! هي توهان ڇا ڪيو؟ هي ته توهان کي وڄهه هو، هن کان ٻُرو حساب ورتو ها"، ان وقت پيارو دادا مشڪي ٿو چوڻ لڳو ته- "هڪ هڪ لاءِ اڳهي ٿو جيڪي فقط هن کي آهي. مون وٽ ته آهي فقط پيار!" هل پيار لاءِ سکون ڇو ته پيار جو هڪ قانون آهي هي جڏهن توهين پيار ورهائيندا، توهين سنڌا پيار پيو توهان وٽ اچي. اڪت ٻيار مان پيو پيار اچي! هل هڪ هڪ کي پيار ڏيون. پيار پيئون، پيار پيئارون. پيار ونڊيون، پيار ورهايون. ان پيار ۾ وڃون، وڃي پنهنجو ڪم ڪار ڪريون. ان پيار ۾ وڃي ڏندو وهنوار ڪريون. ان پيار ۾ وڃي غريبن دکين جا مددگار ٿيون. ان جي چرنن ۾ سر جهڪايون. ان جي آسيس پايون. پنهنجو مانس جنم سڦل ڪريون!

خزانو لڪي ڏنو آهه سو وڃي لوڪن ۾ ورهاءِ!" اِن لاءِ ضروري آهه ته ياد مان لنگهون. انڪري سڌُر ڪان ٻري نه پڇون. اسين اڪثر سڌُر جو نالو ٻڌون نه پڇي وڃون ڏُور. ٻر سياڻا سڀ جي قبول ڪن تا سـُـڌُر، انهن جي جيون ۾ ڪلي ٿو نوراني نُور!" پيارو دادا هڪ پنهنجي ملي گيت ۾ چوڻٿو ته:-

"درد دل ۾ جو ڏنو اٿئي، سو درد دلبر نه دُور ڪر:
ٻر درد هڏڪي، حسن وارا! رحم ۾ پنهنجو نُور ڪر!
ان درد مان اچي روز ٻهارل! نمنهن نيڻن سين نهار:
ڏ ٿان آن ۽ ٻه نوبهار گل ڪمل پنهنجي گلشن ۾ ٿي گلزار!"

سُڌُر مان نُور ٿو اُٿي. ڪمتريون ئي ڳالهيون آهن، ٻر هڪ ڳالهه، هڪ سڪيا جيڪر اَچ ٻاڦ سان ڪٽي وڃون ڏ جيون جو ٻوم ٻدايت، سچو هدايت اَٿو ٻرلوءِ جي ڪمل چوڻن لاءِ پيار! جنهن دل اندر پيار جاڳي ٿو سو سڀن کي پيار ڏئي ٿو.

پيار جي نشاني اکر ڪمن اٿو. ٻر پيار جي نشاني اٿو زندگي، اٿو جيون. پيار واري انسان ڏي نهاريندا. لوهين چوندا هن مان لهرون پيون اچن. لوهين وڃي انهن لهرن ۾ اشنان ڪندا. اهڙي انسان جون ٻڌون سڀ ڳالهيون جلدي وڃي ٿيون. هن وٽ فقط پيار ئي پيار آهه. جو دوست دشمن ڪسي،

” جند جان پيارا! آهي سموري ۽ تنهنجي!
نهار! مهر ۾ نهار!
لهاري! نهاري! چاڙيءَ چماڻي،
ڪمل چرڻن ۾ وهار! وهار!“

اَهڙي اِنسان جي حالت ڪهڙي؟ اَهڙي اِنسان کي ڪونهين پياسي اِنسان، جنهن جي دل اَندر آهي پياس اُن جل، اُن پاڻيءَ واسطي، جو دنيا جي چشمن، دنيا جي ٻنڍن، ندين مان ملي ڪين. هن جي دل اَندر آهي پياس هڪ ٻوٽي واسطي، هڪ ستگر واسطي. اِن پياس بنا جيون آهي ويران.

هڪ ڀيڻ گڏي، تنهن کي ڪجهه وقت ٿيو. مونکي چيائين:- ” مونکي سڀ ڪجهه آهي. جيڪي دنيا ڏيئي سگهي ٿي، اُهو آهي؛ نوڪر چاڪر آهن، بنگلا ماڙيون آهن، موٽرون گاڏيون آهن، پر تڏهن به منهنجي دل آهي خالي. سبب ڪهڙو؟“

مون چيومانس:- ” منهنجي ڀيڻ! سبب هي جو تنهنجي دل اَندر پياس ڪين اُٿي آهي- پياس اِڪ پريتم واسطي.“ جيستين اَسانجي اَندر اِها پياس نٿي اُٿي تيستين اَسانجي جيون آهي ويران، ٻيابان.

هڪ پيارو ڀاءُ مونکي گڏيو. ٻاهران آيو. چيائين:- ” مونکي وڏي نوڪري ملي آهي، وڏو

[۵]

نھار، نھار، ڪمل چرڻ ۾ وھار

اَج وري ٻاڦ سان ڪٽي اَچانئو ھي سندر، عجيب پستڪ "پرڀات جي پردي ۾" جنھن پستڪ ۾ ڏنل آھن وچن ھڪ ھڪ ڏينھن لاءِ. ھڪ ھڪ وچن آھي ھيرو، آھي موتي، جنھن ۾ ڀري چمڪي الک ڌام جي جوتي. ۽ اڄوڪي ڏينھن، مارچ ۱۹ لاءِ، پيارو دادا ڪھڙي سکيا ڏني ٿو؟ پيارو دادا چوي ٿو:-

"جند جان پيارا! آھي سموري تہ تنھنجي!

نھار! مھر ۾ نھار!

نھاري! نھاري! ڇانيءَ ڇپائي،

ڪمل چرڻ ۾ وھار!"

سياڻو سو انسان جنھن جي دل جي اونھائيءَ مان اٿي ٿي ھيءَ ھڪ پڪار:-

پاڻ کي سڌارڻ چاهيو ٿا، دنيا کي سڌارڻ چاهيو ٿا
ته پاڻ کي سڌاريو. وري وري پيارا دادا چيو آسان
کي اُن ستھرڪه جي اکرن ۾ :-

"O Bobus! reform thyself!"

"اي ٻورڪ! جي تون دنيا کي سڌارڻ چاهين
ٿو ته پهرين پاڻ کي سڌار." ٻين جا تون اوڳڻ اُگهاڙيون
نه ڏس: پر تون پاڻ کي سڌار. تون پاڻ کي سڌاريندين
ته تو پنهنجي گهر کي سڌاريو ۽ تنهنجو گهر سڌريو
ته تنهنجي سنگت سڌري. تنهنجي سنگت سڌري ته
تنهنجو پرانت سڌريو. تنهنجو پرانت سڌريو ته تنهنجو
ديس سڌريو ۽ دنيا سڌري ته انسان ذات سڌري. جو
پياسي انسان آهي، سو بي خبر رهي ٿو. ٻين جي
ڳالهين ۾ پاڻ کي اُلڪائي ڪين. ڏسو اسين ڪئين
نه صبوح کان شام تائين، ڪيترو وقت ٻين ڳالهين
۾ گذاريون ٿا جنهن سان اسان جو واسطو به ڪين.
ڪيترا ڀيرا پرائي پڃر ڪريون ٿا، اجايو وقت وڃايون
ٿا. هي امولڪ وقت جو پرڀو ڏني ٿو فقط هڪ ڪم
واسطي ۽ اسين وينا اجايو وقت وڃايون. گروجن چوندا ته:-

"بسر گئي سڀ تات پرائي!"

اها اُتو حالت اُن انسان جي، جنهن جي اندر
پياس اٿي ٿي ۽ اهڙي انسان جي اندروني حالت

اهڙو ملڻو آهي. اڳهار ملندو هو ۴۰۰ ۾ کي ربيا ۾ هاڻي ملندو مونکي هڪ هزار ربيا.“ پوءِ چيائين:- ”پر ڇا ملڻو؟ وڏيون نوڪريون ملڻيون، وڏو عهدو ملڻو، پر جي رب نه ملڻو ته آ ڇا ملڻو؟ جي سڀ ڪجھ ملڻو، دنيا جو ڌن دولت مان شان ملڻو، پر جي رب نه ملڻو ته ڇا ملڻو؟“

اها آهي پڪار پياسي انسان جي. انجي حالت کهڙي ٿئي، ٿي جڏهن جي اندر پيارو پنهنجي مهر ۾ پياس جو ٻج ڇٽي ٿو. ان سهاڳي انسان جي حالت کهڙي؟ انجي حالت جو پياري دادا ذکر ڪيو ته هڪ اکر ۾. پياري دادا چيو ته ان انسان جي حالت الو هڪ اکر ۾. اهو اکر کهڙو؟ ”بي خبر“. اهو انسان رهي ٿو بي خبر. ان انسان جي سڌ ٻڌ وڃي ٿي هلي.

”بسر گئي سب تات پرائي!“

اهڙي پياري کي ڪنهن ٻه ڳالهه جي خبر ڪين. کيس خبر فقط هڪ ته ”پرڀو! مونکي ڪڏهن ملندين؟“ ڏسو اسين ڪيتريون نه خبرون رکون ٿا. ٻين جي ڳالهين ۾ پاڻ کي اٽڪايون ٿا ۽ پاڻ کي ٺڳيون ٿا ۽ سمجهون ٿا ته ٻين کي سڌاريون ٿا. ائين پيا پاڻ کي ٺڳيون. پياري دادا چيو، جي توهين

روئي ٿو، ڳوڙها ڳاڙي ٿو، پڪاري ٿو. ٻوءِ وري ٻڌو اچي ٿو، اچي ديدار، درشن ڪرائي ٿو. اهـا اٿو بي حالت. اُن وقت ۾ پياسي اِنسان رهي ٿو بي خبر. جڏهن وهي ٿو ٻرڻم جي ڪمل چرڻن ۾، ڪمل مکڙي ڏي نهاري ڏسي ٿو، ڪڻن ۾ پرڻم ٻيو پهنجو پيار پتاري، ٻيو پهنجي آسيس ڏئي. اُن وقت ۾ هي پيارو رهي ٿو بي خبر.

اِن بي خبر حالت ۾ رهڻ لِءِ، اِن وسارڻ لِءِ خاص ڪري پياري دادا چيو ته ٽي ڳالهيون ضروري آهن. هڪ هڪ کي ٽي ڳالهيون وسارڻيون آهن جي هن راهه ۾ پند ڪرڻ چاهيون ٿا. جي اسين چاهيون ٿا ته اسانجي جيون ۾ پياس ڪلي،- اهو پياس جو ٻج هڪ هڪ جي اندر پيو آهي، ٻر اُن مان وڻ اُپرڻو آهي،- جي مان چاهيان ٿو ته اهو وڻ اُپري اُسان جي اَندر ته اهي ٽي ڳالهيون وسارڻيون آهن :-

(١) تن وسارڻو ۽

(٢) من وسارڻو ۽ ۽

(٣) ٽيپ وسارڻو.

تن وسارڻ چاهي؟ وري وري پياري دادا هن هال ۾ هن ڪرسيءَ ۾ ويهي وري وري پياري دادا سکيا ڏني سنڌ جي سنتن، شاعرن، فقير بيدل سائينءَ جي

ڪهڙي؟ اهڙي انسان جي حالت آهي ٻن قسمن جي:-
(١) اهڙو انسان رهي ٿو وره ۾، وڇوڙي ۾. وره جي آگ هن ٻهاري جي اندر ٻري پيئي. پياري دادا چيو ته اورو وقت اچي ته وره جهڙو مزاج توهان کي ٻيو دنيا ۾ ملندو ڪين. وري وري هي پيارو جاڳي جاڳي ڳالهه ڳوڙها ڳاڙي ٿو، پڪاري ٿو:- ”منهنجا شيام! منهنجا پريتم! تو ڪٿ آهي ڀاڳ ڪي ڇڏيو؟ اچان ڪڏهن ايندين تون مون وٽ پريم جا پيرا ڀري؟“ ان وره ۾ هن جو ڪيترو وقت گذري ٿو ۽ هو رهي ٿو بي خبر. هڪ ئي ڳالهه جي خبر اٿس ته مان منهنجي پريتم کان جدا آهيان. منهنجا گرديو! منهنجا پريتم! منهنجا شيام! اچان ڪڏهن ايندين مون وٽ پريم جا پيرا ڀري؟

(٢) ٻي حالت ڪهڙي؟ ”ميلاپ.“ جو جو پريتم وٽو ڪيلي لڪ چپ جي راند. اچي ٿو ملي، پنهنجو ديدار ڪرائي ٿو، وري گم ٿي وڃي ٿو. جڏهن گم ٿئي ٿو تڏهن پياسيءَ جي دل اندر قت وره جو اٿي ٿو. ان قت ۾ به وٺو پڪاري جڻ گوپين پڪاريو ته پنج هزار ورهيه اڳ ٻندراٻن ۾ جڏهن شيام ساڻن کيلي، مرلي وڄائي، گم ٿي وڃيو گم ۾، ڪين نه وکيون رولڻ ٿيون، پڪارن ٿيون. تڏهن پياسي انسان

مون راست جوءِ ڏٺهن جو ٻيو ٻوڙائي. پياري دادا ڇيوڙ مون وساريو. من وسارڻ جي ڪوشش ڪريو. هن وقت اسين آهيون من جا غلام. اها من جي غلامي ٽوڙيو. آزاد ٿيو.

(٣) ٽيون، ڀيٽ وساريو. هي سنسار ٽٽل آئو. جت وڃو اُت ڀيٽ، اُت باهيون. پيارو دادا چوندو هو:-

” باهيون باهيون، هت هت باهيون،
ڏاڍي ڏکيءَ وچ اَسين آهيون!“

ڪيڏيون نه باهيون ٻرن ٿيون، — ڪام جون باهيون، ڪروڌ جون باهيون، لوڀ جون باهيون، موھ جون باهيون، ۽ اهنڪار جون باهيون! انهن باهين جي وچ رهي ٽوهين ڀيٽ وساريو. ۽ جو انسان اهي ٽي باهيون وساري ٿو، ان انسان جي حالت ڪهڙي؟ اهو انسان نرمل، ٻولڙ ٿئي ٿو.

مونکي ٽيون ڏينهن هڪ ٻيڻ گڏي. مونکي چيائين:- ” هيءَ ٻيڻي ڇا آهي؟ ٻيڻي نه آهي سستي. منهنجو وشواس ٻيڻيءَ ۾ ڪين آهي.“ پيارا! ٻيڻي سستي ڪين آئو. ٻيڻيءَ ۾ ٽوهين سڀ ڪجهه ٻڌاوءَ ڪري ارپڻ ڪريو ٿا، ٻاڻ وساريو ٿا. ۽ جڏهن ٻاڻ وساريون ٿا تڏهن ٻيو ٻاڻ اچي ٿو: اچي ڪٿي ٿو ۽ ٻوءِ ٿي پوءِ ٿا ٻڌاوءَ جا اوڏار ۽ آسان دئاران ٻيو ڪيڏو نه

اڪون ۾ :-

” سک رمز وجوُد وڃاوڻ دي ! “

وجود ڇا آهي ؟ وجود آهي هستي، آهي جسم آهي ڪايا . وجود آهي هي سرير . وجود آهي هي تن : ان تن کي وسارڻ جي رمز پيارا ! سک . اهو تن، سرير، اها هستي، اها ڪايا آئو پڻدو جو آسانکي رکي ٿو پري پنهنجي پرڀتم کان . پياري دادا چيو ته هن سرير کي وساريو ڇو جو توهين هي سرير ڪين آهيو . اوهين سمجهو ٿا ته آهيو سرير پر اوهين ته هڪ ٻي چيز آهيو . اوهين اها لڪل شڪتي آهيو جنهن اڃي نواس ڪيو آهي هن سرير ۾ ٿوري وقت لئه . پوء اها شڪتي هلندي هلي ٿي .

هن لئي ڪري اسين ڪيترا نه پاپ ڪريو ٿا . هن سرير جي صدقي اسين ڪيترا نه ڪوڙ ڳالهايون ٿا . جي فقط هيء هڪ ڳالهه سمجهون ته اسين سرير ناهيون، مان هي سرير ڪين آهيان، اها پروڙ جي مان پاپان ته ڪيتري نه پاپ کان جهڪر پري رهان . ڇو جو مون کي آهي هن سرير سان موهه، انڪري مان ڪيتري نه پاپ ۾ ڪران ٿو .

(٢) ٻهرين، تن وساريو ؛ پوء من کي وساريو . من وسارڻ جي توهان ڪڏهن ڪوشش ڪئي آهي ؟ هي

[٦]

”جُڳ جُڳ جيءُ گرديو!“

”پرڀات جي ٻوليءَ ۾:“ هن پستڪ ۾ ڏنل آهن سندر وچن، پياري دادا جا پيغام، هڪ ڏينهن واسطي مارچ ٢٦ جي وچن ۾ پيارو دادا ڇا ٿو چوي.

”جل سان پيار مڇليءَ جو، بن جل تجي ٿي پراڻ،
گرديو سان پيار لڳو آهه مهنجو،
جنهن مون تي ڪيو آهي احسان،
شبد سڻائي ڏنائين گيان،
اڪ نوري نور نهار ۾!“

ڀاءُ جو ڀيڻ سان سنٻنڌ، ماءُ جو پٽ سان سنٻنڌ، مِتر جو مِتر سان سنٻنڌ، گهوٽ جو ڪنوار سان سنٻنڌ مٺو آهي؛ پر تن سڀني کان مٺو سنٻنڌ آهي گروءَ جو شش سان سنٻنڌ. هن ساري جڳت ۾ ان سنٻنڌ کان وڌيڪ مٺو سنٻنڌ ٻيو ڪين آهي. ڇو

ڪم ڪري ٿو!

مهاتما گانڌيءَ ڪيترو نه ڪم ڪيو! هڪڙي ڀيرو کانئس پڇيائون :- "سائين! توهين ڪيترو نه ڪم ڪريو ٿا. ان ڪم جي ڳجهارت ڪهڙي؟" هي ٻاروءَ جو پيارو چوي ٿو ته ڳجهارت آهي هيءَ ته مان پاڻ وساري ڇڏيان." پياري دادا ڪيترو نه ڪم ڪيو. پياري دادا کان پڇندا هئاسين :- "دادا! توهانجي ڪم جي ڳجهارت ڪهڙي؟" پياري دادا چيو :- "ڳجهارت هيءَ آهي:- 'پاڻ وڃايو!'" جڏهن ٿي وساريون ٿا، من وساريون ٿا، ٻيٽ وساريون ٿا، تڏهن دل اندر ٺوڪيتا اچي ٿي. اهو انسان ٺوڪ ٿئي ٿو. مريم ايشا چيو ته :- "Blessed are pure in heart for they shall see God!" اهڙي انسان جو هردو صاف ٿئي ٿو اهو اهڙو انسان سيتل ٿئي ٿو ۽ کيس ڇم شانتي ملي ٿي.

دنيا جون لهرون لوڏا کين ڏوڏي سگهن ڪين.

هر حال ۾ هو پيارو پنهنجي موج مستيءَ ۾، آنند ۾ رهي ٿو. اچ جيڪر پنهنجي دل اندر هي سندر ٻوارٿنا ڪئي وڃون :-

"جند جان پيارا! آهي سموري ته تنهنجي!
نهار! مهر ۾ نهار!
نهاري! نهاري! چاليءَ چپائي،
ڪمال چوٽن ۾ وهار! وهار!

جيئن پياري دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ چيو آهي:-

”لوڪن کي هٿ ڪارني،

سنت پٺي فقير!“

اِها اُتو نهاني سنتن سٿپرڪن جي. اِها اُتو نهالي هڪ هڪ سچي گروءَ جي. ٻاڻ کي تڪليف ڪشٽ ۾ وجهي ٿو. فقط هڪ پياس سندس دل اندر ته جي پيارا مون وٽ اچن ته ٿن جو ڀل ڪلياڻ ٿئي. ۽ سچو ڪلياڻ آهي آتم ڪلياڻ. اِها پياس آهي گروءَ جي دل اندر ته ”ڀل منهنجي پيارن جو آتم ڪلياڻ ٿئي.“ وري وري پياري دادا جون ڳالهيون ونهي پيئيون، وري وري دل اندر چئون :-
”پياري دادا ڇا نه ڪيو!“ ڳالهيون ڪراون، ڪيڏا رهون ٻوءِ اچي اکيون آليون ٿين، جپ بند ٿين ۽ سانس جي اولهائيءَ مان اچي هڪ ئي آواز :-

”اَلسي لعل لڄهه، بن ڪڙن ڪري!“

منهنجا گردا! منهنجا سائين! تو بن پيو ڪير جو اسان لاءِ ائين ڪري؟

هڪ هڪ کي تلاش آتو سچي سک لاءِ. هڪ هڪ جيو، نه فقط هڪ هڪ انسان، ٻر هڪ هڪ جيو اتو ان سک جي تلاش ۾. پيارا! تون ڇاجي تلاش ۾ آهين؟ چوي :- ”سچي سک جي تلاش ۾ آهيان!“

جو گرو پنهنجي شش کي، پنهنجي ٻالڪ کي سنڀار
جي ڪن ڪچري کان ٻاهر ڪڍي ٿو.

اَسين ڪن گند ۽ وچاڻ ۾ پيا ليٽڙيون پائون. گرو جن
هڪ هنڌ پنهنجي سندر ٻاڻيءَ ۾ سنساري جيو جي
حالت جو ذڪر ڪيو آ. جونئا ۽ جيو وچارو ڳلهه
والڪر مٽيءَ ۾ پيو ليٽڙيون پائي. گرو اچي ڪرپا
درشٽي ڌري ٿو ۽ اسان کي ڪن گند مان ڪڍي ٿو،
اسان کي ڀالي ٿو، سمت جو دان بخشي ٿو. اسان
جي سرت ڌارا هيٺين چڪرن مان آهستي آهستي
ڪٽي مٿي چاڙهي ٿو. ان ڌارا کي شبد ۾ لڳائي ٿو.
گرو گيان جي بخشش ڪري ٿو. گرو اساڻي دل
مندر ۾ اچي ڏيئو جلائي ٿو. گيان پستڪن شاسترن
جي ڳالهه ڪين آٿو: گيان آهي جوت، چندرما جي
نرمل جوت کان به وڌيڪ نرمل آهي. پيارو دادا هن
وچن ۾ چوي ٿو ته :-

"شبد سڃاڻي ڏنائين گيان،
اڪ ٿوري ٿوڙ نهار ۾ا"

ٻالڪ ۾ اسين کي ٿورا ٻالڪ، کي ٿورڙيون پيئرون
ڪلجون، وري ڳالهيون ڪيون پياري دادا جون
هڪ ٻئي کي چئون ته پياري دادا اسان لاءِ ڇا ته
ڪيو. ٻالڪ کي ڪمت ۾ وجهي اسان لاءِ ڇا ته ڪيو.

ڪٺي ٻيو گهمي :- "سچو سک ڪٿي؟" ان سوال جو جواب سيٺي سنت سٿرڪ هڪ ٿي ڏين ٿا ته جي سچو سک توهين چاهيو ٿا ته اندر وڃو." پيٽر جاڳو ميري پاڻي! هي ٻڪرٽ بند ڪر. ٻاهريان ڳالهين ۾ سچو سک اڻو ڪين. پل ڪيترا جنم ٻاهريان ڳالهين پٺيان ٻٽڪو، پل سليمان جو تخت توهان کي ملي. پل چڪروتي راجا ٿيو، پر جيسين اندر وڃڻ نه سکيا آهيو، تيسين توهان کي سک ملندو ڪين.

تڏهن سوال اٿي ٿو ته اندر ڪيئن وڃون؟ ضروري آهي ته اندر وڃون، پر اندر ڪيئن وڃون؟ تنهن لاءِ ڪو جاڳو، ڪو سولو ڪهي جو اسانکي وٺي هلي اندر جي مسافريءَ تي. اهڙو ذکر پياري دادا هڪ موقعي تي هن طرح ڪيو. پياري دادا چيو جو اندر جي مسافريءَ تي هلڻ چاهي تنهن لاءِ ضروري آهي ته ٽي قدم کڻي :-

(١) پهريون قدم آهي پوترتا. هي ٻاهريان پوترتا ڪين آهي. اندريان پوترتا ڪهي. دل جي صفائي ڪهي. دل جي نرملتا ڪهي. دل جو دريان، جو هن وقت گند سان ڀريل آهي، جنهن تي آهن جٽا، اهو صاف ٿيڻو آهي.

(٢) ٻيو قدم پياري دادا چيو ته آهي نمرت. پيارا! نماڻا ٿيو.

(٣) ٽيون قدم آهي ٻدا ٿيو. ٻاڻ کي ٻدا ڪرايو.

هڪ پيارو آهي ولايت مان. مسٽر ”ووڊلنڊ ڪيلاگ.“ هڪ ڳالهه ٻڌايائين. چيائين هڪ مان هوس بنگلور ۾. هن ڀيري سڄي هندستان جو رٽڻ ڪيو. چيائين بنگلور ۾ هڪ ميٽنگ اڊريس ڪيم. ڪيترا ماڻهو آيل هئا ۽ انهن ماڻهن اڳيان مون سوال رکيو ته ”آهي ڪو اوهان مان جنهن کي سک نه کپي؟ جي هجي اهڙو ڪو سو ته هٿ مٿي کڻي.“ چيائين :- ”ڏٺم ته هڪ ماڻهو هو جنهن هٿ مٿي کنيو. سڀ عجب ۾ پيا. مون چيو :- ’پيارا! توکي سک ڪين کپي؟‘ ۽ هن ماڻهوءَ چيو ته ’مونکي سک ضرور کپي.‘ مون چيو مانس :- ’تڏهن تو هٿ ڇو مٿي کنيو؟‘ چيائين :- ’مون هٿ مٿي ڪين کنيو پر مونکي مٿي ۾ اچي خارش ٿي، ان ڪري مون هٿ مٿي کنيو ۽ مون مٿو کنهڻ ٿي چاهيو.“ هن پياري چيو ته ”سڀن کي سک کپي.“

تلاشي ٿي پيا ڦرون، پيا ڳوليون سچو سک ڪٿي؟ افسوس! پوريءَ طرح ڳولا لڳا ڪرون. ڪي پيا پئسي پدارٿ پٺيان ڀڄن ۽ پيا سمجهن ته سک انهي آهي: ڪي مان شان وڏائيءَ پٺيان، ڪي ويچارا عيش عشرت ۾ غلطان، ڪي ڀوڳ ۾ مستان. هڪ هڪ پيو سمجهي سک ملندو ان ۾ ۽ هڪ هڪ اهو سوال

هي سڀ سنسار آهي ”اٺون ٻڌمياڻ.“ پيا ڀٽڪن. اڪي مقصد کي ڀلجون ٿا، نه ٻاهر نڪري سگهون ٿا. گرو ديو، سڳرو آهي ۽ پنهنجي مهر، پنهنجي فضل سان لهاريو چوندو آ- ”منهنجا ٻالڪ! اچ منهنجي پٺيان.
(My child! come and foliow me!)
گرو ديو قدم به قدم اسان کي ونئي هلي پهچائي ٿو مقصد تي، جت آهي سڀ سک. گروءَ جي ضرورت آهي. گروءَ کان سواءِ هن سنسار ۾ رهڻ آهي ڏاڍو مشڪل.

”گرو بن گيان نه اپجي، گرو بن ملي نه ڀيو:
گرو بن سنشيه نا مٽيءَ،
جيه جيه جيه گرو ديو!“

گروءَ کان سواءِ گيان ملي سگهي ڪين. پيارا! ڪيترائي ئي ڪوشش ڪندا، پر جي توکي گرو نه مليو آهي ته توکي گيان ملندو ڪين. گروءَ ٻنا اڌور جي پراپتي توکي ملندي ڪين. گرو توکي ونئي هلي راهه ٻتائيندو. من جا سنشي، من جا ڏک دور ٿيندا ڪين گروءَ ٻنا. جيه جيه جيه گرو ديو! اهڙي گروءَ تان مان وڃان سدا ٻلهار. اهڙي گروءَ جي سدائين جيت آهي. گرو آهي جو شش کي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. گرو پنهنجي پياري کي ونئي هلي ٿو اندر جي مسافريءَ تي ۽ اتي کيس محبوب جي ڪمل مکڙي جو ديدار ڪرائي ٿو جنهن لاءِ هيءَ هيءَ جيو هي

هو وري سوال آهي ته ڇا اهي ٻئي قدم ڪٿي کڻون؟ اسين اڳ ڄاڻ، ڪٿي کڻون؟ ڪو چالاڪ ڪهي، ڪو سولائون ڪهي جو اسانکي ولي هلي اندرجي مسافري ٿي. گرداو ڪهي، سگرو ڪهي جو اسانکي هن راهه ۾ ولي هلي اسان پهچائي جنهن مان ڇهڪي سهو سگر، جنهن جي تلاش ۾ اسين نيا ڳوڙها، نيا ڀڙڪون.

هڪ باغ ۾ واس لڌهن کي ڪهڙا سال ٿيا. هن باغ ۾ چا ڏانهن هڪ maze هو. هڪ Puzzle Path جنهن کي چون "ٻوڙ ڀلڻيان." چالاڪ ڳون گهڙي ۾ سامهون ڏس آهي مقصد اسان علي ڳون ٻاهر. موڪ جهو لـ ڪهڙو ته سولو آهي! سامهون ته مقصد بيٺو آهي. گهڙيس ان ۾. اندر رستن ٻڌمان رستا هئا. ٻه ڇوان اڳهو ڳو ٻهچاڻ. واو وقت گذرندو. مان ته الجهي ٿاڳو پيو آهيان. نه نڪري سگهان ٻاهر، نه هلي مقصد ٿي پهچي سگهان. آ! منهنجي حالت ڪهڙي ٿي آهي! سامهون بيٺو آهي مقصد، پر پهچي نٿو سگهان. الين پيو پڇتاءَ. نه نڪري سگهان ٻاهر، نه پهچي سگهان پنهنجي مقصد ٿي.

ان وقت هڪ آچي لنگهي ڳو. ڏسي ڳو مان مونجهيل آهيان. مونکي چا ڳو چوي؟ چوي ڳو:- ڪن ۾ "پيارا! منهنجي پٺيان اچ." "Follow me!" هلي پهچان ته مقصد ٿي. ۽ مان عجب ۾ ٻوان ٿو.

مکڙو ٻيو مهڪي. جيڪي ڪيس ڏسن، سي چون ته
”هي گؤر آهي، سهڻو آهي.“ چون:- هي ته سونو
آهي، سهڻو آهي.“ ڪيس نمائي، گؤر ڪري سڏين.
ننڍڙو ٻار آهي، ڪيڏاون نه لڇاڻون ڪري ٿو. عمر
۾ وڏي ٿو، هوشياريءَ ۾ وڏي ٿو. نياءَ ۾ هوشيار
ٿئي ٿو. لڙڪ شاستر ۾ هوشيار ٿئي ٿو.
پنهنجو اسڪول کولي ٿو. نوجوان وٽس اچن ٿا،
سندس چرنن ۾ شاگرد وڃن ٿا. هن پياري ڪان سکن ٿا.

ٻوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ هڪ ڏينهن وڃي ٿو. هي جو
آهي ترڪ ۾ هوشيار. وڏا وڏا ودوان اچيندا هئا نديا
۾. سڀن کي ليڪائي ڇڏيندو هو. اڪ ڏينهن اچي ٿو
گيا جي مندر ۾: اتي ڇا ٿو ٿئي؟ شري ڪرشن جي
مٿس ڪرپا ٿئي ٿي، نئون ٿي پوي ٿو. ڪيڏي
واءِ ترڪ بازي؟ ڪيڏانهن ويو نياءُ؟ هي پيارو
موٽي ٿو. سندس چپن تي هڪ ئي پڪار:- ”ڪرشن!
تون ڪٿي؟“ ۽ هي شري چيتنيه هڪ نئين آندولن
هلائي ٿو. ڪيترن جي دلين تي جادو لڳائي ٿو.
انهن مان ٻه هئا هي سڀاڳا، روپ ۽ سناتن. ٻئي
مسلمان بادشاه جي درٻار ۾ وزير هئا. حسين شاه راجا هو تن
ڏينهن ۾ بنگال جو. ان جي ڪورٽ ۾ هي ٻئي
وزيريءَ جي نوڪري ڪن ٿا. بادشاه کين پيار ڪري
ٿو. هي جي هئا هندو، پاڻ تي مسلمان نالا رکائين ٿا.

اَندر اُٿو پياس. شروع کان اِها پياس، اِن پياس جو ٻج
پيو آهي هڪ هڪ جي اَندر. اِها پياس پوري ٿئي
ٿي جيسين اسان ديدار نه ڪيو آهي پنهنجي محبوب
جي ڪمل مکڙي جو. اهڙي پياس هئي نه لهڻي کي.
لهڻو اچي ٿو ۽ گرو نانڪ ديو جن جي چرنن ۾ وهي
ٿو. گرو جن جي آسيس پائي ٿو. مهر نهار ولي ٿو.

”اِڪ نوري نُور لهار ۾.“

ٿيون ٿئي ٿو. گرو اَنگد ٿئي ٿو. اَهڙي پياس
هئي نه پاني اَمرداس کي. هي، جو عمر ۾ وڏو هو،
اَچي وهي ٿو اَنگد جي چرنن ۾: ٿي پوي ٿو گرو
اَمرداس. اَهڙي پياس هئي نه آنند کي دل ۾: گوتم
جو سنگ ڪمائي ٿو: رچي لعل ٿئي ٿو. اَهڙي پياس
هئي نه ڌرمداس کي: سنت ڪبير جي چرنن ۾ وهي
ٿو. لڳاتي هو، سنتن جو داس، هيوڪ ٿئي ٿو.
اَهڙي پياس هئي روپ ۽ سناتن کي: شري چيتنيه
جو سنگ ڪن ٿا: ڏوان ٿين ٿا.

اَڄ آهي چيتنيه جي جنم جو ڏينهن: اَچوڪي
ڏينهن هي پيارو آيو، ڀارت ۾ پڌاريو. ڀاڳ سان
ڪهڙي شڪتي ڪٺي آيو؟ نم وڻ جي هيٺان سندس
جنم ٿئي ٿو. سندس ماتا هن تي نالو ڪي ٿي نمائي،
معنيٰ جو چائو وڻ جي هيٺان. سندر شڪل: سندس

ڇهڙو مهانگو ڇولو، اُن کي استريءَ واهي ٻاهه ڏني؟
استري کيس چوي ٿي :- ”منهنجي لاءِ اُملهه يا ملهه
ڳالهه کنهن به ڪم جي ڪانهي. منهنجي
اڳيان هو ته مان پنهنجو فرض پالن ڪريان. تو ڇيو
ته مون کي روشني ڏي ۽ منهنجو فرض هو ته مان
توکي روشني ڏيان. مون پنهنجو فرض پالن ڪيو.“

اهي اکر هن ٻهاري جي دل اندر گهڙي ويا ۽
هي چوي ٿو :- ”منهنجي استريءَ ته پنهنجو فرض
پالن ڪيو مون سان! آ! پر مون ته اُجان فرض نه پالن
ڪيو آهي. منهنجو پريتم! منهنجو پيو! منهنجي
روح جو گهوٽ مون اُن سان پنهنجو فرض پالن ته ڪيو
ڪين آهي. مان ته اُجهان سونا روپا هيرا پيو ڪٺا
ڪريان ويٺو پٿڪان لئي پنيان.“

پٺي ڏينهن صبوح جو محلاس ڇڏي، سڀ ڇڏي
نڪري ٿو تلاش ۾. ڪپڙا، سونا زيور ڇڏي نڪرنٿو
تلاش ۾ :- ” ڪهان هو؟ ميرا پريتم ڪهان هو؟
شري چرنن ڪهان هو؟“ اهو سوال نکري ٿو.
اهو سوال، ٻهاري دادا اڄ پرارٿنا ۾ اُٿاريو، منهنجا
پريتم! توکي ڪٿي؟ آڌيءَ جي اونده ۾ ويٺو ٿو لڇي
نهاريان. آڌيءَ جي اونده ۾ ويٺو ٿو لڇي پڪاريان ويٺو
تارن کي ڏيان تارون. دل سوزجي ستار لئي هڪ ٿي

هڪ ڪوٺائي "ملڪ"، ٻيو ڪوٺائي "دليل خاص".
اهي مسلمانن جا ٽالا ٻاهر لي ڏرمن ٿا. ملڪ ۾ رهندا،
عيش ۾ گذارين ٿا. مطلب آهي ڪين. ٻوءِ ڇا ٿو
ٿئي؟ شري چترنيه سنڌس نگر رامڪلي ۾ اچيو.
هنن ٻيارن جو ڪرم ڪلي ٿو. هن سنڌ جو درشن
ڪن ٿا. شري چتنيه هنن ڏي مهر ۾ نهاري ٿو.

"اڪ لوري ٿوري نهار ۾!"

نهار ڏئي ٿو ۽ ٻوءِ گم ٿي وڃي ٿو. هنن جي
دل اندر چورا ڪورا ته اسين ڇا ويٺا ڪريون؟ اسين
آهيون ٻتيم. اسان ڏرم ڪان مکهن موڙيو آهي. اسان
هي ڇا ڪيو؟ هڪ ڏينهن ڇا ٿو ٿئي؟ روپ راس جو ڏير
سان موٽيو آهي. بادشاهه جو ڪو خاص ڪم هو. هن
کي ٽرسا ٻالين. آڏيءَ جي اونده ۾ موٽي ٿو. ڳجهي
ڪائي سمهي ٿو. ٿڪل آهي. اڃان سمهي ٿو ته هڪ
زهيرلو جيت هن کي چڪ پائي ٿو. استريءَ کي
چوي ٿو:- "مون کي سور ٿئي ٿو. اٿ، موم بتي
ٻار ته ڏسان." استري اٿي ٿي. هيڏي هوڏي نهاري
ٿي، پر موم بتي ڪيئن نٿي ملي. ٻر ڪٿ ٻرسان هڪ
ريشمي چوغو رکيو آهي. مهانگو چوغو ملڪ جو،
سون جي ڌاڳي سان اُن تي ٻرت ٿيل آهي. ان چولي کي
هيءَ استري باهه ڏئي ٿي. ان باهه جي روشنيءَ ۾ هي
روپ ڏسي ٿو ته ڪهڙو جيت چڪ پائي ٿو. ٻر ڏسي ٿو

سنت مالا

[ساليانو چندو: ڀارت لاءِ ١٠ رپيا ۽ ولايت لاءِ ٣٠ رپيا، لائيف ميمبرشپ فِي: ڀارت لاءِ ٢٠٠ رپيا: ولايت لاءِ ٣٠ پائونڊ يا ٦٠ ڊالر]

رشين، سنتن، درويشن جا وچن اَمولڪ آهن. ڪئن نه دکي دلين کي آٿت ٿا ڏين! اَسان جا سڀ ڪم ۽ ڪاريون، بنگلا ۽ ماڙيون ناس ٿي ويندا، پر سنتن جي باڻي اَمر، قائم رهندي. ڪئن نه هي وقت ويسر جو سمو آهه! هن وقت شل ڪن دلين اَندر گيتا ۽ گرباڻي، سنتن ۽ فقيرن جي باڻيءَ جو آواز گهڙي وڃي ۽ ڪي دليون ستگر جو جهنڊو جهولين. هن وقت، جڏهن سنڌي ڀائر ۽ ڀينر دک ۾ آهن ۽ پيا پڪارين:- "آهي ڪو جو بچائي؟"، اُن وقت نامُ ئي اَسانجو آٿت آهه "سنت مالا" ۾ گيتا ۽ گرباڻيءَ بابت، سنتن ۽ فقيرن جي سکيا ۽ ساکيءَ بابت پياري دادا جا اُپديش ڇپايا ويندا.

هڪ هڪ پاڻڪ کي وينتي آهي ته سنتن جو پيغام، منڙي دادل جو سنيهو، پاڻ پڙهي ۽ ٻين کي پهچائي. ضروري آهي ته "سنت مالا" جو سنيهو هڪ هڪ سنڌي گهر ۾ پهچي! وڌيڪ خبرچار لاءِ لکو:-

Manager,
"Sant Mala",
Gita Mission Office,
10, Sadhu Vaswani Path,
POONA - 411001 (India).

Printed by Shri Pritam H. Shahani at HUKUM PRESS, 80 M. G. Road, Poona-1. (Phone : 66028) and and Published by Shri Gangaram Sajandas, Mira Nagar, 10, Sadhu Vaswani Path, Poona - 1.
Editor A. M. Vaswani (Phone: 65073 and 64174)

آواز اٿاريان . ڀڳتم! تون ڪٿي ؟ آسمان مان ڪون
ٿيون ٻوندون پياس ڇون . منهنجا ڀڳتم! تون ڪٿي؟"
گرو پياس اٿاري ٿو، ٻوءِ گم ٿي ويٺو . اسان کي گرو
ڪهڻ سنتا ڪهڻ اهي گرو جي گهر واٽي آسيسا ڏين ۽
جي ڪنهن وقت گرو گم ٿي وڃي ته ڇئون :- "آسيس
ڏناٿين ڪين." ڇئون :- "هي گرو کهڙي ڪم جو؟
پيارو دادا اسان مان ڪن کي وري وري چوندو هو
ته "سنت چڪر ڏٺي اچ" ٻوءِ پيارو دادا آسيس ڏيندو
هو . سنت چڪر ڏٺاري ٻوءِ وري گم ٿي ويندو هو .
فقط ان ويچار سان ته شش جي اندر اڪير پياس اٿي.
جيتري اڪير وڌيڪ اوترو انعام وڌيڪ. وري ٻه اوهان
جي چرنن ۾ پياري دادا جو وچن رکان ٿو. من اسان
مان ڪن جي اندر اٿي اڪير، اٿي پياس گرو ڏو جي
ڪمل مکڙي لاءِ، ڪمل قدمن لاءِ :-

"جل سان پيار مڇليءَ جو، بن جل لڇي تي ڀراڳ،
گرو ڏو سان پيار لڳو آهه منهنجو جنهن مونتي ڪيو آهي احسان
شبد سٽالي ڏناٿين گيان، اڪ نوري نُور نهار ۾ !

ڪل ان نهار لاءِ دل اندر پياس رکي آسين نهاريون،
پڪاريون . جئن ڌرتي پڪاري بارش لاءِ ، اونهاري جي
موسم ۾ جئن ٻوٽي نهاري مينهن لاءِ، تئن ڪل آسين
به پڪاريون . هڪ ڏينهن مهر جو مينهن وسندو اسان
کي ٿڌون ڪندو، اسانجو مالڪ جنم سڦل ڪندو!

سنتن جي جيون چرترن دادا واسواڻيءَ جا پستڪ

شري جپ صاحب اَرٿ سان ۹۰۰ صفحا ۳۰-۰۰

چِتر شالا [گرو نانڪ ديو جن جو جيون چرتر] ۱۰-۰۰

فقيران دي مالها ۲ رپيا

هوليءَ جو آواز ۵۰ پئسا

گيتا : سکيا ۽ سار [ڀاڱي ۱ کان ۲۷ تائين] هر هڪ ۵۰ پئسا

نوجيون جو نياپو هڪ رپيو

صاحب ڪبير جي ساکي [ڀاڱي ۱ کان ۵ ۽ ۷ کان ۱۶] هر هڪ ۵۰ پئسا

صاحب ڪبير جي ساکي [ڀاڱو ۶، ۱۷ ۽ ۱۸] هر هڪ رپيو

بي بقا جي باغ ۾ ۱۰ رپيا

شهيدن جو سرتاج : گرو اَرجن ديو ۵۰ پئسا

رشين جو آواز ۵۰ پئسا

مريادا پرشوتم شري رام ۵۰ پئسا

ڀڳتي ڇا آهي؟ [ڀاڱو ۱ کان ۵ تائين] هر هڪ ۵۰ پئسا

جيون ياترا [۱، ۳، ۵، ۶ ۽ ۷] هر هڪ هڪ رپيو

جيون ياترا [۲، ۴، ۽ ۸] هر هڪ ۵۰ پئسا

نُوري ولڙي سانت ۾ هڪ رپيو

نُوريءَ سان گفتگو [ڀاڱو ۱، ۲ ۽ ۳] هر هڪ رپيو

روحاني زندگي ۴ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻي لکپڙهه لاءِ لکو:-

Manager , Sant Mala,
10 Sadhu Vaswani ath .
Poona - 411001

September 1984 Regd. No. PN/ E - 20